
مکڙيون
ماڪ ڦڙا
مير محمد پيرزادو

# مکژیون ماک ڤژا

میر محمد پیرزاد و

| | | |
|---|---|---|
| ڪاپيون | : | هڪ هزار |
| ڇاپو | : | پهريون |
| پاران | : | روشني پبليڪيشن |
| ڇپائيندڙ | : | فيض پيرزادو |
| ڇاپيندڙ | : | سهڻي پرنٽرس، الهندو، ڪچو، حيدرآباد، سنڌ |
| ڇپائيءَ جو سال | : | ڊسمبر ١٩٨١ع (سنڌي ساهت سال) |
| ٽائيٽل بئڪ اسڪيچ | : | فتاح هاليپوٽو |
| اندر اسڪيچ | : | عبدالرسول عباسي |
| ملهه | : | سادي ڪاپي ٻارنهن رپيا<br>اوچي ڪاپي پندرنهن روپيا |

---

ليکڪ جا حق ۽ واسطا محفوظ

# پنهنجي پاران

منهنجا جذبا،
ٻالڪ ننڍڙا،
لفظن جي،
رانديڪن سان،
رانديون رهندي،
ڪيئن لڳن ٿا؟!

مير محمد پيرزادو

مهتيما سلامي، شهزادو انوپيا: ”توهان شاعر خوشنصيب آهيو.... جيتوڻيڪ حقيقي دنيا ۾ ويراني ڏي سهي پر توهان تخيلي دنيا آباد ڪري جيئندا آهيو.... آءٌ ويهه سال وائلن وڄائيندو رهيس. ساز جي تارن سان منهنجو عشق آهي، ليڪن جنگ واري دؤر ۾ منهنجي ساڄي ٻانهن ۾ گولي لڳي وئي ۽ هاڻ آءٌ وائلن وڄائي نه ٿو سگهان.... موسيقي منهنجي سيني ۾ گهٽجي رهي آهي.... گويا تاريخ خاموش ٿي وئي آهي. آءٌ ۽ ان ڏينهن کان خاموش ٿي ويو آهيان. موسيقيءَ جي عاشق هٿن کي گوليون ڇو لڳنديون آهن! ان جو جواب شايد ڪنهن وٽ نه آهي ان سوال جي سامهون فقط خاموشيءَ جي بند گلي آهي....“

(امرتا پريتم جي ’رسيدي ٽڪيٽ‘ تان ڪنيل).

## ارپنا:

هي ڪتاب دل جي گهراين سان ارپيان ٿو مولانا غلام محمد گرامي مرحوم جن کي، جنهن آڪس ۽ ٽاڪ ٽنيءَ ۾ گهاٽي ٻڙ جيئن ڇانو ٿي ڪئي. سندن شفقت پرڏي هٿ هيٺ، زندگيءَ جون تلخ گهڙيون سکون سان گذريون ۽ جنهن جي مرڪ اندر آتساهه جا سونهن سنديش مليم.

مير محمد پيرزادو

مهڪندڙ منهن تي،
پلي دانگي مليو.
هر ٻهڪ کي،
ٻاڻ سان چهر ڏيو ڪپهو .....

يا وري:

هي ڄي رت جا گهوڙا ويٺو ڳاڙيان مان،
راتيون جاڳي،
سوچ ڏياتيون ٻاريان
تن جي عيوض
معصومن کي مرڪ ملي جي،
مظلومن جو داد ٿئي جي،
وڏوائن جو سڏ ورايو،
منهنجو ملهه چڪايو.

نظم ۾ ڪن جاين تي محسوس ٿئي ٿو تہ مير محمد تي اياز جي ردم جو پڻ اثر نمايان آهي مثال هڪ هنڌ لکيو اٿس:

قول ڏئي ساڳيا، ماڪ ٻہ ساڳي،
ماڻهوءَ جي پرهاڪ نہ ساڳي.

سندس نظم ”مان تو ساڻ هوندس،“ جديد شاعري جو سر ڪڍارو آهي جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ ان ۾ سمايل پيڙا جو احساس ٿئي ٿو. اهو نظم پڙهي نئين ايراني شاعري جي مهڪ اچي ٿي جيڪا در حقيقت لال لهوءَ جي سرهاڻ آهي.

مير محمد جڏهن ٻهريون دفعو مون کي سندس شاعريءَ جي ڪتاب تي مهاڳ لکڻ لاءِ چيو هو تہ مونکي ذهن ۾ چار عڪس آيا هئا: پيتائي، سنڌي سنگت، ٻهراڙيون ۽ حسن جو عشق“ ڪيس پيتائي جا تمام گهڻا بيت ياد آهن منجهن موجود سونهن، سوز چٽن ۽ ٻولي جي فني جڙاءُ سميت. ٺيٺ سنڌي

غزل ۾ مير محمد جا تجربا شاعراڻي پختگيءَ جو سونهن پريو مثال آهن. سندس غزل ۾ ٺيٺ سنڌي تشبيهون، سونهن پريا عڪس، سماجي پيڙا جا اشارا، انقلابي رومانيت ۽ فطرت جو حُسن اونيل آهي.

ٻانڪ ڀهل ٿي ٻنهين جنڊ،
وينگس وٺي ڏک ڏري.

پيٽ پٺيءَ سان ماني ناهه،
ٻيو ڪجهه ناهي سورڻي ڪاهه.

ٻيجري ۾ اُ چوڪو چگڙو،
ٻوهه ٻه ٻيجرو، ٻيجرو آ —

متان هنج ڪينجهر مٿاڻي ڇڏين،
هتي تو ٻچاڙا رکيو ڪنگ ٿي —

آڌي ويلي ٻونڪ ڪتن جي،
ڪوٺ سچي ۾ سونچو ٿئي ٿو —

سوچون وڪريل ٿوهر ٻر ۾،
گُهٽيلَ دانهون ٻٽر ٻٽر ۾ —

رومان، سڪ ۽ سور جي سوز جا ڪجهه مثال:-

رات ڪٽي وڏي، ڪين ڪٽو پنڌ،
ڪيڏو تنهنجو شهر ٻري —

منهنجي من جي اڌمي وانگر،
ڇوليءَ هر هر ڇال ڏنو —

ڪڪرن ۾ چنڊ ڪنهن جي ڪارڻ،
سهڻيءَ وانگي ٻڏي تري —

نه ڪاڪ ٽي ڦڙڪي، نه هڏڪي ٿئي،
وساري ڇڏيو آهه ڇا تو ٻرين —

قلف ڪـڙي ۾ آيـتـو آهي،
شـايـد اڄ هـو آيـا هئا ـــ

مير محمد جي وائي، غـزل، گيت ۽ نظم خاصيتن جو نچوڙ آهن- وائن ۾ عڪس، عڪسن جا ترورا ۽ سونهن جا سو رنگ، تن سيني شين جو اندازو صرف پڙهڻ سان تعلق رکي ٿو.

سج به لُپڪي انـب جيئن آهي، ڇڄي ڪري پيو پٽ،
رند رسي ويو آهه پرينءَ جيئن.

ڪيئنـر ڇـوري آخـر ٽڪيا، هـڏ ڏاهيڻا هيڻا،
واءُ ۾ سـڏڪي وٺيا ـــ

رات سڄيءَ جـي رئندن ڪي، پره ڦٽي پرپائيندي آ،
ساڻت به ڪڏهين ڳائيندي آ.

توکي ماري مـوت، انهيءَ کـان مـوت اڳيئي مار،
ڇو تہ سپاٽي تون به نہ هوندين ـــ

رات اونداري، ڪينجهر ڪپ تي، ڪڙڪيتا ڇٽڪي ڏيا،
منهنجا گـهايـل گـهايـل اڏ ما ـــ

مري وڃڻ کـان اڳ ۾ تنهنجي ڇانوَ ۾ ميڙيان پير،
موت تـہ ڪوئي مهٽو ناهي ـــ

ٻمن جـي بوڇاڙ منجهان پيي، ڇڦي ڇـوي تي ڪير،
موت تـہ ڪوئي مهٽو ناهي ـــ

فنڪار جي جانبداريا غير جانبدار ٿيڻ بابت بار بار بحث ٿيندا رهندا آهن. مير محمد پنهنجي هڪ شعر ۾ ان سوال جو جواب هيلينءَ ريت ڏنو آهي.

خوشبوءِ، بد بوءِ وير ورايون،
روز ازل کان وڙهنديون آ يون،
ويڙهه انهيءَ ۾ "نون" ۽ "مان"،

شامل آهيون هڪ ڏر سان،
هاڻ ٻڌائج تون ڌي سائين،
ڪنهن جو پاسو ٿيڻ ٿو چاهين،
سچ ۽ ڪوڙ جي جهيڙي اندر،
ڪنهن جو ساٿ ڏيڻ ٿو چاهين،
جڳ ۾ ڪيئن جيئڻ ٿو چاهين—

مير محمد جي ڌوهن ۾ ڪلاسيڪي ڏوهيڙي سان گڏو گڏ اڄ جي دور جون پيڙائون برابر موجود آهن:

ڪڏڻي ۾ بندوق ٽيڪي ليٽي، سپاهيءَ آ سوچيو،
منهنجي ماءُ اُ گهوٽ انهيءَ ۾ جنهن ۾ ٻر ڪريو.

ڪن ۾ شعلا ڪنوٽيون ٻٽجي ساڙي گهوٽ ويا،
پرهه ڦٽيءَ جو رڪ انهيءَ تي چمڪن ماڪ ڦڙا.

ميهن ڪٽي يا ماڪ ڦڙي يا ڳل تان وهندڙ ڪو ڳوڙهو، پاڻي آهي پٽ تي ڪرندي پنتي ڪجهه به چڏي نه ويو.

منهنجا گيت برابر توڪي ڏيو نه ڏيندا يار،
تنهنجي ڏيو جو راز جنهن ۾ سائين ڏيندو سار.

۽ هاڻي مير محمد جي شعر ۾ تشبيهن جا ڪجهه اولڙ ڏسو:-

بوند آئي آ، ٻا ڌي آهي،
ڌرتيءَ منهن تي ماتا داڻ—

آپ شفق ۾ ميائي وانگر،
رتي رتي رتو چاڻ-

ڪيئي چڻ ته ڪتاب ڪُليل،
ابهم، ابهم ٻار سٺل—

موت وهيءَ جو چڻ نه پرين،
گيت اڌورو رهجي ويو—

رات ڪــــوارڙي جڦهور مـــرڻ تي،
چنڊ ڪڙڪـــو آ، ڪــڙڪي ڪول ـــ

لـــڙڪ اکين ۾ اڻين ڏـــي ٻڌو،
ٻـــولــــيءَ ۾ جن جــــڙيل مٺيو ـــــ

يا تـــــه منڊيءَ تي اڃــو پڙو آ،
موتي تــــــي جــن ماڪ ڦڙو آ ـــــ

ڳهڪهه ۾ ڪـــــڙ ـ ڪيـــتــو چمڪي،
جن ڪـــو شاعر شعر چوي ٿو ـــــ

هن ڪڙ ڪيتي جهڙي شاعر جو ذهني پورهيو پڙهندڙن جي آڏو آهي ـ منهنجي خواهش آهي تہ سندس پورهيو سندي ٻولي، شاعري ۽ ادب جي دنيا ۾ آمرڻ تي وجي.

انور پيرزادو
لاڙڪاڻو
١٦ نومبر ١٩٨١ع



گهر تہ منهنجو ساڳيو آهي-
جنهن جون پٽيون،
ڇپرا ڇٽيون-
دريون، در بہ ساڳيو آهي.
گهر نہ منهنجو ساڳيو آهي.

آڳر ساڳيو،
اندر ۽،
ٻاهر ساڳيو.

ساڳيو آهي وڻ ٻپر جو
جنهن تي جهرڪين ٻوليون ساڳيون-
هوا ڏئي ٿي لوليون ساڳيون-

تو ۽ مون هت رانديون رهيون
گڏين جون ۽،
مٽيءَ مان کي کهکهڙا ناهي،
تن ۾ سارو خيال سمائي
هيءَ ۾ هوءَ دنيا چڻ تہ هتيئي گڏ ڪري،
ڏينهن سمورو،
ورونهن وندر ۾،
ڪيئن نہ گذري ويندو هو.

ٻوڻن تي پوپاڙيءَ جو،
لهندڙ سج جا،
لاڪـــرنا ۽ لال هي ڪرڻا،

جوين وارو رت سمورو،
هاري هاري اڄ به وڃن ٿا.
پنهنجي ساڳي منڊ ورڻ تي،
آپـــ اڳي تي ٿهلي ٿو پيو،
ڪکر به ساڳيو،
منهنجو آهي گهر به ساڳيو.

ساڳيو ساوڻ، ساڳيو سيارو
سرءُ، بهار به ساڳيو پيارو.
سڄ اڳي جهڙن آيري الهي،
چوڏهين‌ءَ تي ٿو چنڊ به نڪري.
ڦولن ۾ سرهاڻ به ساڳي،
ماڪ سندي آلاڻ به ساڳي.
پـوءِ به هڪڙ ڳالهه انوکي،
پڌري پٽ پڌر ٿي پئي آ ـ
منهنجو جيڪو ساڳيو گهر آ،
تنهن ۾ واقعي ساڳيو در آ.
ساڳيو اندر، ساڳيو آڳر،
ساڳيا وڻ ٽڻ، ساڳيا منظر.
ڦول به ساڳيا، ماڪ به ساڳي ـ
ماڻهوءَ جي پر هاڪ نه ساڳي!
نام، نظارن ۾ به مزو ڪو،
پنهنجو ڇڙ ته ناهي پنهنجو ـــ

پنهنجا آڳر اڱڻ پنهنجا هوندي اڄ ڇو ڪين لڳن ٿا
ڄجهرڪين ڇهڪا ٿوڪون ڪن ٿا۔
ماڪ نہ اهي وڻ روئن ٿا۔
ڪڪر رڙن ٿا،
سڄ جا ڪرڻا، ڦڪي ڦڪي ساهہ ڏين ٿا!
گهر جون ڀتيون، در دروازا،
مون کان اڄ ڪو سوال پڇن ٿا۔
هي ڇا ٿي ويو؟
ء ڇو ٿي ويو؟!
مون ڪي منهنجا ٻاڙي وارئو!
ڳڏجي سڏجي،
گهر هي منهنجو ٻرچائي ڏيو!
ماڳ وري موٽائي ڏيو!!

ان جو داڻو:
هار ۾ ڪڏهين پوئبو ناهي،
ڇو تہ اهو ڪو موتي ناهي!
پوءِ بہ ڪيئي هار ڇڏي،
سورنهن ئي سينگارو ڇڏي،
ان ڪٽي جي ڪڍ او سائين!
ڀڄبو آهي.
ان جو داڻو:

اک مان ڳاڙهل،
ڪوهو، ڪارو ڳوڙهو ناهي!
قرب سندي جو ڪاڻ لڳي ٿو،
ڳوڙهو ناهي، هاڻ ڳري ٿو.

پوءِ ٻه ڪيئي لڙڪ لتاڙي،
پرهه — ڦٽيءَ ڪان پوياڙيءَ تائين،
بڪيا، ٻڏڪيا زنده لاشا،
پنهنجو من ڳنوائن ٿا،
۽ پوءِ ان آپائن ٿا!

ان ڪٽي تان پاپ ٿين ٿا،
ان ڪٽي تان پيار ٿين ٿا؛
ان ڪٽي تي دنيا قائم،
اِن ساڻ ئي وهنوار هلن ٿا.
ان ڪٽي ساڻ اڄ جا رشتا ناتا،
ٺهن، ڊهن ٿا،
ڊهن، ٺهن ٿا!

هر هڪ دل ني، ان ڪٽي جو راڄ هلي ٿو؛
اِن تي ئي سنسار پاڻي ٿو.
ان جو داٿو:

جيڪي ته سچي ماڻڊاڻ منڊيل جي ڪنجي آهي!
پر جو ايءَ ڪنجي ٿو ڏاهي،
ريٿو رت ٻنين ۾ هاري؛
تنهن جي عيوض ان آپائي،
الف اڪر جهڙن ٽنڪو آهي!

اڄ جو ماڻهو، آنَ مٿان ته عاشق آهي،
پر جو ان کي آنٌ بڻائي،

تنهن کي جيئڻ حق نہ آهي،
پوءِ پي هو پيو ان آپائي!
پوءِ پي هو پيو ان آپائي!!

هاءِ حياتي،
رت — ڳڙيءَ جيئن،
روڪ ٻٽي آ!
انجڻين وانگيان وهي وهي،
ڏورن وانگيان ڳهي ڳهي،
پاڻ وڃائي-
ساهہ سڪائي-
مس وڃي ، ان رت — ڳڙيءَ ني،
ڪڙي چڙهي هتي!
پر هي هاڻي،
منهنجي پنڙي،
پنهنجي هٿ سان، ان جي آهي ڪڙي آکيلي!
ڏکجي ڏکجي، سهڪي سهڪي گهر جيئن ئي پهتو هان،
ايندڙ ويلي جائي ڪجهہ پئسا ڪتن ٿا،
ڏن لئہ سوچيان -
پٽ اچي ۽ پيار منجهان، انگل ڪري ٿو:

”بابا! عهد صبحائي آهي،
مونکي ڪي ڪپڙا ڏي نهرائي.“
رت - ڳڙيءَ مان رت ٽمي ٿو
سور وڌي ٿو!
هاءِ حياتي،
رت ڳڙيءَ جيئن،
رو ٻ بٺي ا!

تنهنجي اکڙين ـــ آکيري ۾،
پنهنجون گهايل گهڙيون،
ايئن پسان ٿو.
چنڊ جي سيني تي جيئن سائون!
سهڻا سهڻا سانورڙا،
تلڪ لڳن ٿا.

تنهنجي نيڻن ۾ آ جيڪو،
گهنگهور گهٽا جيئن گهرو گهيرو،
تنهن ۾ سائين!
منهنجا پيارا پيارا سپنا،
ڪنوڻين وانگر چمڪن ٿا.

گهايل گهڙيون، سندر سپنا ـ
نيڻن ـــ ڇپر جي ڇانئن هيٺان،

نڙڦي نڙڦي،
لڙڪن جون ڪيئي لارون ڳاهي،
ٿمي پون ٿا.

تنهنجي ڳل تان ليڪو ڳاهي،
ڪاڏيءَ تي هو موتي ٻڻجي،
مون کي ڪائي ياد ڏيارن،
آهه انهن کي ڪوڙي ڪوڙي ڳيت ٻڌائي،
پيئڻ ٿي چاهيو-
پي نه سگهيس،
ڇلڪي پيا!

مرڪ کي موڙيو مروڙيو،
ڏهڪ تاڻن ۾ وجهو،
مهڪندڙ منهن تي ٻلي دانگي مليو.
هر ٻهڪ کي ٻاڻ سان چيري ڪپيو ڏاڍو ڏنگيو،
پر نه ڪوئي ٽنگ تي روئي ڏئي؛
پوءِ به تنهنجو وس پڄي،
لڙڪ ٻي ان ڪان ڪسي،
پر انهيءَ کي باهه ڏي،
پر ياد رک!
ڇو انهيءَ ٿي باهه جي ٽيندي جهڳي،
تون نه سڙندين، پر سنده سڙندا نه ايندڙ نسل ٻي!

منهنجي هٿ ۾ پين ڏئي،
۽ مين-بتيءَ کي ڦوڪ ڏئي،
پوءِ مون کي چيئي:
”سندر سندر گيت لکي ڏي،
جنهن سان پنهنجو جيءُ ريجهايان،
جنهن سان پنهنجو من پرچايان.“
اهڙي ٿي ڪنهن گيت لکڻ لئه،
اونداهين سان اڪان ٿو.
اي ڪاش! مان اهڙو گيت لکان!

هي وستي، هي واهڻ،
هي سڙڪون، هي رستا ۽ چارا سمورا،
توهان ساڻ هوندا.
مگر چنڊ چانڊاڻ جڏهين ڪندو،
پيو جيءُ هرڪو جڏهن ڀڪندو،
اڳاڙو اڇاڙو،
ڪو جذبو جڏهن ڪتڪتايون ڪندو؛

تڏهن منهنجا سائي، مان توسان هوندس!

جڏهن مينهن وسندا،
جڏهن گاهه ڦٽندا.
جڏهن سبز ساري زمين جي مٿان،
ڪئي گل ٽڙندا،
ڪئي ٻوٽا مڙندا،
۽ هيڪار ٿيندي،
جڏهن سار ايندئي،
تڏهن منهنجا سائي، مان توسان هوندس!
وري ديس ٽي جي ڪڏهن ڏاڙا لڳندا،
تنين ٽي تون ڀرپور ٿي وار ڪندين،
تہ پوءِ هيئن ٿيندو:
(١) انهن کي تون ماري، ڀڄائي، پڇائي،
وري ديس کي هڪ دفعو ٻوهه جواني ۽ جوڀن
ورائي جي ڏيندين،
گلابي گلن جي مان مالها ڪا ٺهجي،
ڪڇيءَ ۾ سنڌ خوب پاڪر وجهي،
فتح جي مبارڪ ڏئي،
ائين چرڪندس چئي-
نئين چام جي چم سدو چاڙ هوندس،
تڏهن منهنجا سائي، مان توسان هوندس!
(٢) ڀلا ڪوئي ترڪش منجهان تير نڪري
۽ سيني سنڌ مان وڃي پار ٿيو جي،
۽ هن ديس خاطر ڏنو سر کي توجي،
تہ پوءِ پير تنهنجا ڪائي هير چمندي،
سنڌ رت-ڦڙيءَ جي ڪرڻ ٽي پرين،
مٽي ملڪ تنهنجي جي، نئون ناچ نچندي،

سچو ڏيهہ ڏسندو،
تہ قومن جا هيرا،
سِرڪَنِ جي سِرن تي وطن جي اڏاوت،
ڏنين سر ڪندا هيئن آهن!
۽ امرتا سنڌ جو، مان خود روح ٻڌجي
سنڌ ياد سان گڏ،
امر ٻڌجي ويندس،
تڏهن منهنجا ساٿي مان تو سان هوندس!

منهنجي گهر جي سامهون،
سانت ۽ چپ چاپ بيٺل،
هڪ ڪني ٻاڙيءَ سندو آهي تلاءُ.
جنهن ۾ سينواريل، ڏپارو، سائڙو ٻاڙي ٻيل،
جو بہ ڪڏري ٿو آتان:
نڪ مٿان ڏئي ٿو رومال.
پر آتان ايندڙ ۽ ويندڙ،
ان جي ڪپ تان تا پڙن،
سرخ ۽ سرها گلاب!

مرڪن جي راندڪن ڪي،
چهرن جي شوڪيسن ۾،
خوب سينگاري رکندي.

ابهم ٻارن کي نہ ڪري ٿو سگهجي خوش.
پر هي ساڳيا رانديڪا (مرڪون)
ساڳئي ئي شوڪيسن ۾ (ڇهرن تي)
ڪيڏا وڻندڙ ڇو نہ لڳن، ڇو
هر هڪ سوچيل سمجهيل ڪي:
— ڪهڙي ڪهنج منهن تي پائوڊر جيان.
— ٿوٽ چپن تي سرخيءَ جيان.
— ٿوري جهٽ لاءِ ٿاهر- ٺڪيءَ جي
نہ لڳن ٿا:

ڇو جو هو (سوچيل سمجهيل ماڻهو)
مرڪن وارا مکڻ جا پردا چيري ڦاڙي-
اندر جي اونداهي ۾،
سارو ڪوڙ ڪروڌ ڀسن ٿا:

پائوڊر پردي ڀوڻان ڪهنج!
سرخيءَ ٻوڻان چپ سڪل!
سچ جي ڏک ۾ ڪوڙ ڏڪيل!
پڌري پٽ هي پاڻ ڀسن ٿا.
— ٻالپڻي جو ذهن رکن جي،
— تن جي اکيان واٺکو ڪن ٿا.

ڪوڙ جي منهن تي مرڪ سجايل،
دوکي تان هٿن پردو ڪڇندي.
خوب ڇڙن ٿا،
ڇوهه ڇنڊن ٿا،
گهات گهڙن ٿا!

سچ چوڻ آجن جو ڪم،
پوءِ ٻيءِ پنهنجو ڪم ٿي ڪن ٿا!

ڪمن مڙن ٿا!
ڪوڙ ڪي پوءِ ٻيءِ ننگو ڪن ٿا!!

شاعر سارئون راتيون جاڳي
چور ٻه جاڳي،
رات لڙيءَ جي سانت ۾ هلندي،
هوريان هوريان،
ماڻهوئڙن جي ننڊ جو پورو پورو فائدو وٺندي
تن جي ميڙيل سيڙيل پونجي،
ڪنهن جي نڪ جي بولي، پنڙا،
ڪنهن جي سينڌ ڏيکي جي پوتي،
جيڪي ان جي هٿ لڳي ٿو،
چالاڪيءَ سان سڀ ڪٽي ٿو،
ننڍڙن ننڍڙن معصومن جا ٿهڪ لٽي ٿو،
مرڪ لٽي ٿو، مهڪ لٽي ٿو-
گهايل گهايل سڌ گهٽي ٿو،
شاعر پنهنجي کٽ تي جاڳي،
خيال سندس ٿو ڏور وڃي.

سنهڙيون سنهڙيون،
پوساتيندڙ گهٽيون جهاڳي،
ماڻهن ستل وستين ۾،
ڪاهي پئي ٿو،

ڪنهن جي سهڻن سپنن جي هر عڪس اندر،
رنڱا رنڱا رنگ پري ٿو.
ڪنهن جو خالي پيٽ ڏسي،
۽ دانهن ڪري ٿو.
ڪو ته جئي ٿو جواني ماڻي
ساعت ساعت، ڪو ته مري ٿو.
سارو منظر پسندڙي پسندڙي،
شاعر جو بس ڏيل ڏري ٿو
سارو جوش سمائي ان ۾،
سندر سندر گيت لکي ٿو.
شاعر ساريون راتيون جاڳي،
چور به جاڳي،
پوءِ به فرق ٻنهين ۾ آهي!

آءٌ انهيءَ ڳالهه کي تسليم بيشڪ ٿو ڪيان.
آءٌ جيترو تنهنجي مرضيءَ سان سهي،
تون جڏهن چاهين ته ماري ٿو سگهين،
وٽ نه ڪائي آءٌ آهيان- ٿي سهي،
پر اندر منهنجي ۾ ميوزڪ هال جو-
۽ اندر جي اڱڻ ني،
اُس پرِيڙين جو برهنه ناچ جو-
روح سارو راڳ جي لئه تال ۾-

جهو مندي بي حال جو-
سا مرڻ جي ڳالهه ناهه-
سا نه آهي تنهنجي وس!

ناچ گهر کي تون نه چاهين،
ڏاس ٿي سکهندو ضرور-
مٺي سنڌي ٽون موج مستيءَ کي مٽائي ٿو سگهين-
تنهنجي طاقت آهه ايڏي ٿي رهي،
پر جڏهن موسم اچي ٿي مينهن جي-
هير ٻنجي هارمونيم،
سر پکيڙي ٿي چڙي-
وڻ جو پن پن،
ٻرهنه ڪنهن ناچ ۾ نچندو ۽ ڪڏندو ٿو رهي-
۽ فضا هر پل- پيالي جي اندر،
مٺي پري پياري چڙي-
پوءِ نه هي ماحول مئخانو لڳي-
چيز هرڪا پرخمار،
ناچ ڇو ڏس نغمگي؛
روح سارو راڳ ٿئي!
تنبُ پيي ڇڻ جاڳ، ٿئي!!

تون جلي، ڪامي، ٻچي،
ڏند ڪرلي جي آئين-
ڪابه ان مان شيءِ نه اهڙي آهه جا،
تنهنجي طاقت جي اڳيان،
ڪنڌ نوائي ٿي سگهي!
تنهنجي طاقت ان سڄي منظر اڳيان-
هر ڪائي ٿي وڃي-
آءٌ تنهنجي بي وسيءَ تي ٿو کلان-
تنهنجي مڪروه منهن تان پردو ٿو کڻان!

ڪوتا جي ڪونري ۾،
سوچن جو مون سون پکهاري،
ان مان تو لئه چلڙو ناهيو!

منهنجون آسون، منهنجا آدرش،
اميدون، امنگ سڀئي

توسان گهاريل سندر سندر گهڙين جو جهڙ تت سمورو؛
چلڙي جي هر چٽ ۾ چٽيل!
سوچن جي هن سون منجهان،
اهڙو هڪڙو چلڙو ناهي،
توڏانهن موڪلي آئس جڏهين؛
دل ۾ ڪتڪتايون آيريون،
من ۾ ڪيئي اچلون ڪاڏيون

۽ پوءِ سوچيم:
ان جو ڪوئي جواب اچڻ ناهين
ڇا! آءٌ جيئرو هوندس؟
نه!
تيسين شايد آءٌ نه هوندس!
پر تون-
پنهنجي ڪومل هٿ جي نازڪ آڱر ۾،
منهنجو ناهيل چلڙو،
جڏهين ڏسندينءَ، سوچيندينءَ-

پيار ڀريون ڪي يادون تنهنجي آڏو اپنديون .
ڪيتي چاندوڪيون راتيون،
جنهن ۾ گڏجي ٿي تون، مون
پيار ونڊيو هوندو.
اهڙي ڪائي ياد جڏهن،
تنهنجي آڏو،
ڪاري وِس ۾ ڪيڏارو،
ڪِڪائيندي اپندي
ياد انهيءَ ۾ آهه امر تي جيئندس!
جيسين منهنجي ڏاهيل چلڙي تي،
چٽ سلامت هوندا؛
تون پڻ ٿي ڏسندينءَ
تن ۾ منهنجو روح سمايل هوندو ـــ سائين!
جيسين 'چلڙو' 'پيار نشاني' چيچ ۾ تنهنجي،
تيسين مون کي، عڪس ۾ انجي، پسندي رهندينءَ!

ڪوڏي ڪومل ڪنول جيان مکڙو،
نازڪ موتئي جي گل جهڙو،
ڇو ڪو آهي ساز انوکو!
جنهن جي پوپيان،
تهه در تهه،
جذبن جي ڇڪتاڻ متل آ -
آدمن جو ماندائڻ متل آ -

آسن جي لڙڪن جي به مٽس،
اڻ- ڪٽ ڪا آلاڻ لڳل آ.
انهيءَ نازڪ مکڙي جي، ان ساز انوکي مان پيارا!
ٿڌڪن جا آواز لڙن ٿا.
وستيءَ وستيءَ گل ڪڙن ٿا.
ساري وادءِ منڊل ۾،
سڳنڌيل ڪائي سار سمائي؛
پوکن، پکن، پيهن تي،
پرهه سنڌيءَ ڪنهن پرهه جيان
پڪ پکيڙي پکڙن ٿا.
اکيون مهتي، آرس ڀڃنداي،
ماڻهو پاڻ به راڳ چون ٿا؛
ڏاڍا ڏاڍا خوش لڳن ٿا!
پر هو راڳي ۽ ويراڳي،
ٿڌڪن جي هر سر کي ٻڌندي،
ذرَ ۾ وڏڙهيل سبڙهيل سڌ ڪا،
صاف سٺي ٿو،
۽ پوءِ پنهنجو چنگ ڪٽي ٿو؛
وستيءَ وستيءَ ٻڌن ٿي ٿو:
لوڪو! هي جي ٿڌڪ ٻڌو پيا،
تنهن ۾ آهي دانهن سمايل، سا به ٻڌو:
دانهين پوپان لڙڪ سلهاڙيل سي به ڏسو-
ڪڏهين ڪڏهين دل جا آڌما،
مرڪ جو ڪوڙو روپ وٺي،
ظاهر ٿين ٿا-

اڄ سڀجهي چنڊ جو- او لوڪو!
لڙڪ به ڪڏهين ٽهڪ ٽين ٿا!
ڇهڪ به ڪڏهين مهڪ ڏين ٿا!!

روز صبح جو گل ڪڙن ٿا.
توکي، مون کي،
هن کي، هن کي،
بنا فرق جي، خوشبو ڏين ٿا،
سڌرهو ڪن ٿا.
پرت-نگر جي پوڄارين جي گونگي پيڙا،
ٻاڻ ۾ سانديءَ،
سونهن-نگر ۾ نيندا آهن.
ڏيندا آهن-
وٺندا ناآهن-
پر جت پيار ستيءَ لڪڙيءَ جيان،
روز چڪيا تي رک ٿئي،
ڪوبه گلن ڏي ڪين ڏسي ٿو،
هرڪو ماڻهو، گهڙيءَ گهڙيءَ ۾،
مري جئي ٿو-
جئي مري ٿو-
نيهن—نگر جت پاپ—نگر ٿئي،
ڪوبه گلن ڏي ڌيان نه ڏئي،

خوشبوءِ جت ڪا شيءِ نہ آهي؛
ماڪ مهل پوءِ گلڙا انهين،
موتين جهڙا ڳوڙها آئي،
تنهنجي منهنجي راهہ تڪين ٿا.
چپ ٿي چپ پيغام ڏين ٿا.
جڏهين ڪوبہ نہ سڏ ڏئي ٿو،
ڏک ۾ ڦٽڪي ڦٽڪي ٽڏهين،
ريٽا ريٽا رنگ وڃائي،
پاڻهين پنهنجو پاڻ ڪومائي،
ڇڻي پون ٿا.
اهڙي پاپ — ننگر ۾ گلڙا،
زندهہ ماڻهن جي لش ناهن؛
پر سي آهن،
ڦبرن تي ٿي ٿرڻ جي خاطر!

ڏات، ڏئي جي وٿ آهي.
رات سندي،
اونداهي اننت ساگر سان،
لڙندي لڙندي رهندي آهي.
توکي، مون کي-
ٻِين کي، هُنَ کي-
دک لڳائڻ خاطر،
ٻهہ ٻهہ ٻهڪائڻ خاطر،

سڙندي ٻرندي رهندي آهي!
ڏات، ڏئي جي وٽ آهي!

اي سوچ سيڙي - اي سوچ سيڙي!
ڪانءِ ڪپي، ها ڪانءِ ڪپي،
تنهنجي سر جهار گهڙي -
هي ذهر نه پيتو ٿيندو مون کان!
مون پنهنجي يادن جا ڪاڳر،
چؤ واڻي تي ڍير ڪري،
ساڙي تن کي رک ڪيو آ.
تون پوءِ به منهنجو دڳ جهلي،
رستا روڪي، بيٺي آن.
سيٽي تاڙيون ناڪ پڄي،
تون مون وٽ ايندي رهندي آن!

اي سوچ سيڙي!
اي سوچ سيڙي!!

○

مون کي ساڙي،
منهنجي رڳ رڳ مان،
ٻڪ ڀري،
سهڻا سهڻا گهرڙا ڏاهي۔
تن ۾، امن ۽ آسائش سان،
ٻنا کهڻ ٻي آڳي جي،
ماڻهن کي جي هوند رهايوَ۔
منهنجو ملهه چڪايوَ!

هي رت جا ڳوڙها وهنو ڳاڙهان مان،
راتيون جاڳي، سوچ۔ ڏياڻيون ٻاريان ٿو۔
تن جي عيوض؛
معصومن کي مرڪ ملي جي،
مظلومن جو داد ٿئي جي،
وڏ واڻن جا سڌ ورايوَ۔

منهنجو ملهه چڪايوَ!
منهنجي سيرَ تي چٽنگ رکي،
ڦوڪي ڦوڪي چٽنگ منجهان کي ڀنيت ٻاري،
ان جي روشن آجيالي سان،
هر وات وندر جي ڀتڪيل ڀتڪيل راهيءَ کي،
جي ڪنهن دڳ لڳايوَ۔
منهنجو ملهه چڪايوَ!

ٿو ٿي بادل، ٿاڌل ٿئي ڪا۔
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسَ۔ الا
وَسُ وَسُ بـــادل وَسُ۔ الا!
مينهن ڪٽين لئه ڌرتي آئي، سڀڪو سـاهه سڙڻ تي آهه۔
تاڙي وانگي تانگهه سين جي، ڪنهن کي ٻي ڪا واهر ناهه۔
تنهنجي آمد جـــي لئه آتـــا، گهٽي گهٽي ۾ ڪَسَ۔ الا
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسَ۔ الا
وَسُ وَسُ بـــادل وَسُ۔ الا!

وڻ ٽڻ واڪا، ڌـر بر واڪا، وستيون واڪا ٻڌجي ويون۔
چوڌاري ماندائي مچي ويو، ڌانهون، ڪوڪون ۾ ڪيهون۔
سڏڪن، ٽوڪن، ڦٽڪن ڦٽڪن، ڏـل، ٽراڙيون، ٽَسَ۔ الا
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسَ۔ الا
وَسُ وَسُ بـــادل وَسُ۔ الا

پکي پرندا، ماڻهو ڇيڻهو، مـــال متاهه، ٻه موڪـو ٿي پيو۔
موت شل ٿو سڀڪو پاڻئين، اينڌڙ هر هـڪ لمحو لمحو۔
ويرانين ۾ وڙڪي ڪـــن سڀ، وڏا جيئڻ جـا وَسَ۔ الا
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسَ۔ الا
وَسُ وَسُ بـــادل وَسُ۔ الا!

مينهن نه وسيو، مينهن ٻڻي اچ، ڪڪرن رٿ تي ٿي هسوار-
هرڻيءَ وانگر، رڃ ۾ ڦٽڪي، ٽڙڦي ٿو لڱ منهنجو پيار-
سال ٿيا جو تو ريءَ سائين، ناهه جيئڻ ۾ چَس- الا
وَسُ وَسُ ڪر ڪا وَسُ- الا
وَسُ وَسُ بادل وَسُ- الا!

من مندر جون پٽيون پورا-
پلڪ اکين جا ڪِوڙا ڪَوڙا-
سارا لڳ چڪن،
سُوٽون سور ڏين،
سارو جيونَ، ساوڻ ۾ جڻ، ڪاري واري ڏينهن تتو—
پيڙا جو پر پيئي نه پتو!
منهنجو من منديريءَ وانگي-
جبل جلي پيو ڪنهن جي سانگي-
لُڪن لُوساڻو،
ٿڌين ٻُوساڻو،
پوءِ به تو لئه، سيج ٺاهيم، پيلا پيلا گل جهلي—
ڍوليا اچ ٻي سج ڍلي!
ساريون راتيون، ڪاريون ڪاريون-
ٿانداڻي جيئن پاڻ کي هاريون-
ڏينهڙا اڃهاڻا،
پوءِ به نه چاڙا
نيڻ نماڻا، اوسيئڙو ڇو ڪين ڇڏن ٿا لاهي—
ڪير به ڪنهنجو ناهي!

راحت جي سانت ۾،
ڇپر ڇمڪو ڪيو،
پير وڌندو رهيو-

ڌيان ڇڪبو ويو-
دل ۾ دهڪو پيو-
جيءُ جهرندو ويو-
ڪير آ پنڌ پيو!
گهگهه گهري اندر،
ڏک ڏيري اندر،
جنهن جي پيري اندر-
سونهن — سوداءُ آ،
سچ جو ساءُ آ

ڇپر ڇمڪو ڪيو،
پير وڌندو رهيو-
چنڊ ڏسندو رهيو-
خوب ٻُڌندو رهيو-
ناچ نچندو رهيو!

هوءَ آئي هلي،
مون انهيءَ ڏي ڏسي-

ڪڪوڙ منهن ۾ ڪئي،
هوءَ ساڳي هئي.
ٿهڪ ٽڙندا رهيا-
ڇهڪ وڄندا رهيا-
مون سڄائي ورتي-
پيار جي مورتي.
ڏينهن ڏيا وجهي،
مس موتي هئي.
پڪ سڄائي وٺي،
ڏات آ، ڏات آ.
ڏس اڇا ڏيهه ۾،
رات آ، رات آ!
مون قلم ڪنيون-
جو به آيو لکيو-

مونهن ۾ سچ سندا،
ڪلڪ ڪاڳر مٿان؛
چٽ چٽيندي وئي،
سٽ سٽيندي وئي.
بيت مان، باک جي،
لاک پکڙي وئي.
رات وهندي رهي،
ڏينهن ٿيندو رهيو؛
ڏات ايندي رهي،
شعر جڙندو ويو!

تڏ تان تنهنجي لاءِ تڪي ٿي....

طوفانن جو گهيرو آهي،
فطرت ڪاڏو ڦيرو آهي.

لا ٽون ۽ وانگر نـاؤ ڦري،
ڪرڙاٽ ٻجهن پيا ڀري پري.

ونجهه مين وهه سان موڪج پاڻ،
نه ته هـي ۽ ٻيڙي آڻي ڇاڻ.

ناڪئا سارو پور ٿي ٻڌندو،
ننڍڙو ٻچڙو ٻڌندو تنهنجو.

دانهون ٽيندڀون، ريهون ٽيندڀون،
هر ڪنهن ٻڌندڙ ڪيهون ٽيندڀون.

ميچ وري ڪي مڙندا ٻار،
ٽيندا پنهنجا پاڳا ٻار.

اڄ تون منجهيو آهين ڇو!
طوفان اڳي تو ناهه ڏٺو!؟

سامهون تڙ تي ٻيٺي آ -
هـو ۽ جا ٽولئه آئي آ -

جنهن لئه تنهنجي دل سڪي ٿي!

ڪاڙا ڪلڙا ٻول ڪلابي،
سهڻا سهڻا نيڻ شرابي-
ٽهڪا ٽيڙن جهڙن ٽڙن ٿا-
ڪي ڪي ماڻهو ايڏن جڻن ٿا!
”ڇي ڇي“، ”ڇي ڇي“ ڪلهن ڏماڪا-
اکيون ڦرڙيون، پنبٽيون ٽاڪا؛
بلڪل وحشين جهڙن ڪي ماڻهو-
سندرتا کي ڪين سهن ٿا.
مٽڙن مٽڙن ماڻهن جو-
ڇوڙن وانگي رَت پڻن ٿا.
ڪي ڪي ماڻهو عنبر اوڏن-
ٻيا ماڻهو بدبوءِ آهن.
خوشبوءِ، بدبوءِ وير ورايون-
روز ازل کان وڙهنديون آيون.
ويڙهه انهيءَ ۾، ”تون“ ۽ ”مان“-
شامل آهيون هڪ ڏر سان.
هاڻ ٻڌائج تون ئي سائين!

ڪنهن جو پاسو ٽيڙ ٽو چاهين؛
سچ ۾ ڪوڙ جي جهمڙي اندر،
ڪنهن جو ساٿ ڏيڻ ٿو چاهين!

تون به نه هوندين، مان به نه هوندس،
پنهنجي واس وجهي بس رهندو،
ڪهڙو واس ڏيڻ ٿو چاهين؟،
جڳ ۾ ڪيئن جيئڻ ٿو چاهين؟!



موچون وڪريل ٽوهر ٻر ۾،
ڳهٽيل دانهون، پٿر پٿر ۾.

آپ ۾ بادل، مور رڙي چڱ-
ڊيل ڊڪي ٿي ڏهر ڏهر ۾.

دک جي ڌرتيءَ ٿي هي شاعر
ڪنوٽين جا چمڪاٽ ڪکر ۾.

ڪنهنجا ڳهٽيل سڏڪا هي جي-
سينڌن جا آواز سحر ۾.

لولي ڏيئي، لوڏيندي آ-
چنڊ جي ڏولي، لهر، بحر ۾.

جوت جلائو، مورت چمڪي-
مانجهيءَ ڌاڻي، من مندر ۾.

ٻيڙو ڌتندو، پوءِ به نه آڏندو-
ڪانهي طاقت، جنهن جي ٻر ۾.

ڪي ڪي ماڻهو امرت اوت-
ڪي ڪي مليل چڱ ڌ، زهر ۾.

ڪيڏو سورڪ، سوچي محبت
جنهن لئه نفرت، پنهنجي گهر ۾.

هٿ ۾ ڪاڙا، لڙڪ اکين ۾،
گيت چپن تي، آڳ اندر ۾.

مينهن سندي مَدَ، پٿندو پٿندو-
ڏڙندو ساوڻ آيو ڏر ۾.

ڪاله، شڪاريءَ جوءِ لتاڙي-
تتر نه ٻولي، اڄ ڪو تر ۾.

تون ڇو ڳولين، ٻيو تو ڇر ۾-
موتي ماندي، اونهي جر ۾.

تو ۾ مستي، ناهه، نڪي سپ-
روڏ نه ڪائي آهي ور ۾.

سونهن نه، چائي وڏ نندائي-
ڪنول ڪڙي تو، گدلي سر ۾.

اڄ ڇو منهنجي من ۾ سائين-
لکي لکي ۽ ليٿا پائون-

تن تنبوري جون تارون ڇيڙي-
ڇا لئه راڳ وهاڳ وڄائين.

سڪ جي سار نه ٻار اٿيئي-
سور ٻين جا ويٺو ڪائين.

ننڊ ڪي ننهن نڙيءَ تي ڏيٺي-
ڪنهن ڪي ساري رات ريجهائين-

سڄي سنيهو، پرهه پڄايو-
منهنجا من، چئو مونجهه آهين.

ڏات سندو ڪو ڏيهه نه آهي-
وياڪل ٿي ڇو واٽ واجهائين.

چنڊ شرابي، ڪڏهين ڪڏهين-
نڀ ۾ ڇا لءِ نچندو آهين.

جنهن وٽ جلندڙ دلڙي ناهي-
تنهن ڪي ڪهڙا ٻول ٻڌائين.

موتي اهڙا ڪو ٻه نه ڳنهندو-
ڇا لءِ نيڻن نير وهائين.

جڳ ۾ جيئان تو، تنهنجي خاطر
مون ڪي پائين، ٻارا! نه پائين.

در ڪي ٻيڪڙ، ڪو ٻه نه ايندو-
نيڻن جي ڇو ننڊ ڦٽائين.

خيال امان جا، پينو نيمڪرا!
در در تي ڇو ٿاپا ڪائين.

گل ۾ خوشبو، جهڙ ۾ ٻوندون-
ڪير چوي تو سڀ ۾ ناهين.

●

واهوندن جو وقت وري ٿو.
جاني پنهنجي جوء اچي ٿو.

واريءَ ڍپ جو او سيئڙو اڄ
سينهن کٽهن لئه واجهه وجهي ٿو.

ڪراڙ مٿان ڪو ڪنول ڪڙي ٿو.
ٿاهه سندو ڇڄ لڙڪ لڳي ٿو.

ماٺ اندر ڀي ساهه اسان جو
چانڊوڪيءَ جو چنگ ٻڌي ٿو.

ٻئي جي ڳل تان ڳوڙها آگهندڙ.
پنهنجا ڳوڙها، پاڻ پئي ٿو.

مکڙي چٽبي، چپبي ڏسندي.
ٽانڊن تي، من ناچ نچي ٿو.

آڌيءَ ويلي، ٻئونڪ ڪتن جي.
ڳوٺ سڄي ۾ سنونچو پئي ٿو.

گهه ۾ ڪڙ ڪبيتو چمڪي.
چڙ ڪو شاعر، شعر چئي ٿو.

هلڪو من جو بار ٿئي ٿو.
اڪ مان جڏهن لڙڪ ڳڙي ٿو.

صحرا کي اڄ شرمائي ٿي
منهنجي من جي ويا ڪلٽا.

ڀيٽ-ڀيٽيءَ سان، ماني ناهه.
ڀيو ڪجهه ناهي سورٺي ڪا.

ماڻهن چنڊ تي پير گهمايا.
ٻاڻ ائٽمي سهڪون ڀيا.

ڀيٽ ڀٽي لڄ ڇا نه ٿئي ٿو.
تنهن جي ڪنهن کي ڪل به آڪا؟!

نيڻن جي نپ ٻوند وسائي.
يادن جا گل هاڻ ٽڙيا.

مون وٽ ڳاڏڙ موهم هئي.
ٻاهه اندر ۾، ساهه ٿڌا ها.

پڃري ۾ آچوڪو ڇڳڙو
پوه ڀي ڀڃرو، پڃرو آ.
دنيا تي ڇڻ رت رئي کو.
پوڙيئن سڄ جا ڀاڇولا.

چپ ٿي چپ ۾ سورسلن ٿا.
ڪنهن جا ڏڀرا ڏڀرا ڇهرا.

●

اسان پرهه، تان پانڌ لاٿو پرين -
اسان رات جو راز ڄاتو پرين •
توهان پيار مان چيا! انهيءَ ڏي ڏٺو -
لڳي چنڊ ٿو، مدماتو پرين •
جهلڻي ڪين جهلجي، ڀلڻي ڪين ڀلجي -
نشر نيهن جو. آهه نشاتو پرين •
نه ڪا اک ٿي ڦڙڪي، نه هڏڪي ٿي ٿي -
وساري ڇڏيو آهه ڇا تو پرين •
هٺيلو هنيون هوڏ تي آهه چڙهيو -
بنهه ڪين سرچي سوا تو پرين •
اچايل، اڇايل، سڪايل هي من -
ٿيو آهه، تو لاءِ، آتو پرين •
جلي رات ساري، سهارن سوا -
اسان پرهه ڪي آهه پاتو پرين •
سنڌ ساز، آواز نشو منتظر،
اهو گيت تو جو نه ڳاتو پرين •
وري سنڌ تي مينهن موٽي پيا،
اچڻ ۾ ڪٿي دير آ تو پرين •
ڏکيو ڏيل سارو ڏهيون ٿي ويو،
وڇوڙو وٺيو جو پلا تون پرين •

پٽن مٿان، ڪلهه سانجهيءَ جو،
ٻاري ڇڏيو هوم ڏيو.

اوسيئڙي ۾ رات سڄي،
مون سين سارو جڳ جاڳيو.

منهنجي من جي آدمي وانگي،
ڇوليءَ هر هر ڇال ڏنو.

موت وهيءَ جو ڇڙ ته پڙهن،
گمت اڏورو رهجي ويو.

پار اچان پيو تنهنجي ٻوٻان،
ٻيڙيءَ واري ڪونه ڪنيو.

وقت ڪٽيئي ڪيئن تنهائيءَ ۾،
چنڊ اسان سان راز سليو.

شيشو ڪريو، وسڪي هاري،
روح آجايل رهجي ويو.

چنڊ نشي ۾ چُور سمهيو،
رات ڪٽيان ڪيئن؟ ڏس ته ڏيو.

تون ڇو جهورين پنهنجو ٻاڻ،
سات نباهي هو نه سگهيو.

مون لئه ترقيو هوندو ڪيئن!
اڄ ته اڃا هو آهه رنو.

جهڪي نهاريم ٻاڻيءَ ۾،
مون ٿي مون ڏي ٻايوليو.

سونهن نه آهي، ساز سهاري،
رات ته ڪتنهون ڪيئن به ڪري.

ڳالهيون پرچڻ جون ٻڌي هليون،
ويتر پياسون، پاڻ ٻري.

مدت کان پوءِ، هو جو مليو،
روڄي ويٺس، ريهه ڪري.

ٻانگ مهل ٿي پيهين جنڊ،
وينگس وهني ڏک ڏري.

رات ڪٽي وٺي، ڪين ڪٽڙ پنڌ،
ڪيڏو تنهنجو شهر پري.

تنهنجي شاديءَ ڪوٽ ملي،
ٻهتس ڳوڙهن جهول ڀري.

چانڊوڪيءَ سان وڪي رلمل،
آءُ پيئون، ڏاڏو نه ٺري.

ڪڪرن ۾ چنڊ، ڪنهن جي ڪارڻ،
سهڻيءَ وانگر ٻُڏي تري.

هير کلي ٿي، مان ٿو سمجهان،
چڻ ته ٽڏا ڪو ساهه ڀري.

●

ساجن هاڻي آءٌ سکھو ٿي،
اکڙيون تڪيون روئي روئي.
ھيئن انھن تان ڦرڻ نہ گھرجي،
واعدا جي بہ ڪيا ھا توئي.
آءٌ تہ اڄ جي ميڙيئون ڪيرُ،
ڪالھہ آ ماڻهن ڪانھين ڍوئي.
مون تہ توهان جي لاءِ پريتم!
ڳوڙهن جي آ ڳاني پوئي.
ساوڻ گذريو، ساجن نہ آيو،
لال رگين مون ناحق لوئي.
ور رهيءَ آهي زهر برابر،
آيل! مون لئہ ڏئونرن ڏوئي.
بي وس اکڙيون! مور نہ سکھدا،
ڳوڙها داغ دلين جا ڌوئي.
راهہ نهاري ٿڪيون اکڙيون،
شايد اچڻو ناهي ڪوئي.
هاڻي چاهت، چاڙهہ چڪيا ٿي،
ساجن رهيو ناهي سوئي.
منڌ نہ آهي، مڌ تہ آهي،
بيو ڪجهہ ناهي، آڻ اهوئي.
اڄ ڪو اهڙو پيارو يارو!
جانب ياد نہ ڏياري جوئي.

●

لڙڪ ننڍڙا ڪن نيڻن تي،
مکڙين تي ڄڻ ماڪ ڦڙا.

چندن هاڻا وار ڪُلي، ۴
وستي ساري واسي ويا.

ڪڪ ڪڙي ۾ اٻتو آهي،
شايد اڄ هو آيا ها.

الهڙ جواني، اڀرا ڇورا،
لوڙهي لوڙهي پاڏن ليا.

سپ ڪُلي سان موتي چمڪيا،
ڪلندي تنهنجا چپ ڪليا.

مون سين رنل، محفل ۾،
مون ريءَ ڏاڍا تنگ ٿيا.

هڪ هڪ ماڙي رک ڪيم،
تو جي مون ڏي خط لکيا.

جيئن جيئن دل تي گهاؤ لڳا،
تيئن مون تڙقي گيت چيا.

پيار ۾ ٻئي ڏي ڪن نہ ڏبو،
ماڻهو بڪندا رهندا پيا.

●

منهنجو ڪشتو امرت آڇي،
ٽڪر ٽاڪي آندم جا.
جئن جئن ڏک ڏينئي تيئن مون-
گل-گلابي گيت لکيا.
منهنجي الفي ليڙون ليڙون-
ٻٽون ٻٽون پير ٽما.
جنهن جنهن در مون سين هئين-
جاڏهون ڪاڏهون ڪتا ها.
تو به هيئن ٻڌي پيمنڊ اسان کي-
ساڳئي پنڌ جا پانڌيئڙا.
پورن قلٺا ساندي هل
وات اٿانگهي پنڌ پٽر جا.
وقت لٽي وهو تن جا پيرا-
هو جي مون وٽ ايندا ها،
گهاٽي ڇانوَ ڏين ها پر،
وقت کان اڳ ۾ وڃي ويا.

پيارا پيارا پل آ پل،
مون وٽ آيا راڳ رتل.

گيت-گلن جا پوئي هار،
تن-تنبور جي تند چڙهيل.

ڳهور نه ايڏو گهايل ڏي،
چوڏهين ء جا او چنڊ! ڪڙيل.

نيڻ نماڻا، نينهن-وندا،
چڻ ڪي موتي گل لڙيل.

دلڙي ڪامي ڪنوڻ جيان،
بوند وسي ٿي باک-مهل.

منهنجو دوهو پاسن ٿا،
کلندي تنهنجا چپ-ڪليل.

مکڙيون کولي گل ڪندي،
هير ٿڏي ۽ باک-ڀنل.

ڪيئي چڻ ته ڪتاب کليل،
ابهم ابهم پار ستل.

ﭙﻬﻨﺠﻮ ﻣﻦ ﭼﭤ ﭙﻴﻠﻮ ٻﻦ آ،
ﭙﻬﻨﺠﻲ ﺟﻨﺪڙي ﺳﺮﮪ ﺟﻲ ﺷﺎم.

ﻣﭡﻬﻦ ﮪ ﺷﺎﻋﺮ ﺳﻮرج-ﻣﮑﻲ،
ﻣﻦ-ﻣﻨﺪر ﮪ ﮐﻮرن ﮐﺎم.

ﻣﺎڪ ﭙﺴﺎﻳﻮ ﻫﺮﻫﮏ وڻ،
ڏادو رات رﻧﻮ آ رام.

رڻ ﺳﺎن ﺳﻮﻧﻬﻦ راﻧﺪﻳﻮن ﺗﻨﻬﻨﺠﻮن،
ﭼﻦ ﭙﭽﮍ ﺀ ﻟﻮڙ ﻟﻐﺎم.

ﺳﺎﻧﮉي ﻫﻠﺠﻮ ﺳﺎﻫﻢ ﺟﻴﺎن،
ﺳﭻ ﺗﻮﻫﺎن وٽ آﻫﻲ ﺳﺎم.

ﮐﮉﻫﻦ ﺗﮧ وﻧﮉا ﺳﺎﭘﻴﺎ روپ،
ﺷﺎﻋﺮ ﺗﻨﻬﻨﺠﺎ ﺑﻴﺖ ﮐﻼم.

ﺟﻮاﻻ ٻﺠﻲ ﻗﺎﺋﻲ ﻫﻮﻧﺪي،
ﺳﻴﮡ ﻣﻨﺠﻬﮧ ﺟﺎ آﻫﮧ آﻳﺎم.

ﺟﮉﻫﻦ آﺋﻲ ﮔﻬﻨﮕﻬﻮر ﮔﻬﭩﺎ،
ﮐﺲ ﺑﮧ وﺳﻨﺪا وﺳﻨﺪا ﮐﺎم.

منهنجي ڪوتا ڪوڪَ ڪنل،
پچندي آئي باڪ-مهل.

مٺخاڻي ۾ مسڌ ۽ تون -،
پوءِ تہ ڪاٿي جهل نہ پل.

ويسهہ-گهاتي، تون بہ ڪندين،
مون کي اهڙي کهڙي ڪل.

گلڙا، ڪالڙا، تنهنجو من،
پوپٽ، ڀوپٽ، پنهنجا پل.

تنهنجي يادن جا تحفا؟
سيني ۾ سَوَ سورن-سل.

ڏاڙهن ٽي چڻ ماڪ-ڦڙا،
ڳوڙهن هاڻا تنهنجا ڳل.

ڪير مٿي هٿي ڪو ڪاري،
ڪنهن کي آئي ڪانہ ڪهل.

مَتَهِن اسان جا ماڪ پنل،
چڻ ڪي آهن نيڻ رنل.

جڏهن سوچ سرچي ڪيڏي سنگ تي،
تڏهن ڏات مون کي هٿي ڏنگ تي.

مٿان هنج ڪينجهر مٿاڏي ڇڏين،
هتي نو پچاڻا، رڱو ڪنگ تي.

انهيءَ آپ سندو نيٺ ياندو يڪو،
اهي روشنيءَ جا رڱو رنگ تي.

وسي مينهن، سيارو، ٻڏر پٽ تي،
اکهاڙا، اکهاڙا ڪٿي انگ تي.

آڏي ساز هاڏي وري ڇيڙ ڏون،
چڙهي جن مٿان ويا صفا زنگ تي.

ملان مشڪدي ۾ وڃي تنهنجو ڇا!
اڙائي اچي ڇو ٻلا ٽنگ تي.

صفا سانت، اڌ رات، ٿڌڙي هوا،
چون ٿا، انهيءَ ۾ چڙا چنگ تي.

لوڪ سمهين پيو، تون بہ سمهين پئين،
موسين چنڊ ۾ چارا جاڳيا.

اوندهہ گهٽگهور، گهرن ۾ ڏيئا،
ماڻهو ننڊ ۾ جارا جاڳيا.

ڪو رن جوڏس انت اچي ويو،
ڪاريءَ ڪلهوٽيءَ ڪارا جاڳيا.

چنڊ چٽو ھو چوڏهينءَ جو،
سهڪي پوءِ بہ ستارا جاڳيا.

مٿخاني ۾ رات لڙيءَ جو،
نينهن وارن جا نعرا جاڳيا.

لوئيندي ڪيڏن ڏاري لتڙ،
ڪمت، ٻنيون ۽ ٻارا جاڳيا.

ٻرهہ پسڻ جي آس لڳائي،
ماٺهو ڪٿي مون پارا جاڳيا.

جاني آيو، جيءَ جليءَ جو،
اڪ اڪ منجهہ اشارا جاڳيا.

مٿ لُٽي پيا، مڌ ڇٽي ٿي، چوڏهينءَ چانڊوڪي،
وڻ ٽڻ مست شرابي جهومن، هير به آ سگهندي.

ڪنڊ ڪنڊ ۾ قنديل ٻرن پيا، ساري وستي وچ ٻٽي،
سار اوهان جي، پار پرئين، ڪان يار اچي وڌندي.

ڊونهاتيل گهر، گونگا ساٿهو، ماڪ وهوڙيءَ وستيءَ ۾،
چوڏاري ڪا چنگ، چڙي جي، لار اچي لگندي.

دور ستارن جي چڻ پڻ ٿي، مون به ڪنايو سونچو،
پاڻ ۾ تن ويچار ڪيو پئي، 'هيءَ دنيا ڪيئن رهندي!'

سڀ ستارا ميڙي چوندي، رات به مون وٽ آئي هئي،
مست ستارن ڏانهن نهاري، نهر وچي نچندي.

چانڊوڪيءَ ۾ مڌ ملائي، پيالو ڀرُ ڪيو،
تنگ ڪندي، تر جيڏي ساٿي! سوچ به جي رهندي!

اهڙي مد اڄ اوتي آڻ،
هوش وڃائي جيڪا ماڻ.

بوند آئي آ، ڀا ٿي آهي،
ڌرتيءَ منهن ٿي ماڻا داڻ.

خيال، حقيقت، ناچي-پيٽو،
آهه ڪوي! ڪا ڪوتا واڻ.

آپ شفق ۾ ميانيءَ وانگر،
ريتي ريتي رتو ڇاڻ.

سُرُ سُرُ ساهه ۾ سَتَ آياري،
تنبورو يا! هٿين تند نه تاڻ.

ترڪي پوند ٻن، ٽڪڙا چورا،
آڳر آڳر ٿي آلاڻ.

گيت-پکيڙو، چوگو چوندي،
شاعر جو من، خيالن ڪاڻ.

ڏوئي وهو سج ڏوهيءَ جيان،
رات سڄيءَ جي آ ڪاراڻ.

لهر، بحر ۾ چمڪا ڪائي،
جڏهن ڪري ٿو، چنڊ چانڊاڻ.

ڪويءَ سندي آ ڪوتا ساندي،
راتو ڏينهان روح رهاڻ.

رات لڙيءَ ۾، سانت جو سرندو،
ڪوڪي ٿو پيو ڪنهن جي ڪاڻ.

چولي چيهون چيهون ٿينده،
پالڪ! پير سنياري چاڻ.

سانجهيءَ آئي، ڏوڙ آڏائي،
ورندا وڳ وڳ وڻيءَ وٿاڻ.

تنهن جو اندر اجلو اجلو،
جنهن جي منهن تي آميراڻ.

سيج ڏي هلبو سوچ سهاري،
ساري وٽو چپ آ ساري.

کھٽيءَ گھٽيءَ ۾ گوڙگھٽيل آ،
ڇٽنگ اڇها ٿي، پنيٽ ٻاري.

جيسين دريا ٻوڏ ڪري ٿي،
هل نہ اڇئون ڪا وير آپاري.

چانڊوڪيءَ ڪي رات هو پيتو،
مون سين گڏجي هر هڪ تاري.

اهڙي آندي آئي آهي،
ڏيٺو ٻہ نہ لمڪي جاري، جاري.

جيٽو لکين جو سات ازل کان،
ڊول، قلم تہ نہ رکبو ڊاري.

گدلي تن جا، گيت گلابي،
مٽڙا پيرون، ڪٽبڙ ڪاري.



# گیت

■

سونا سونا سنگ- ٻنهين ۾- سونا سونا سنگ!

کنهن جي ٻوٽي، کنهن جو چولو-
کنهن جي پيٽ پرڻ جو لولو-
کنهن جي عزت، شان ۽ شوڪت-
کنهن جا آهن ننگ- ٻنهين ۾- سونا سونا سنگ!

مرڻ، جيئڻ جو کنهن جو سوال-
هيڏا هڏڙا، هيڏو حال-
کنهنجو پيار تہ، کنهنجي سار-
کنهن جا آس امنگ- ٻنهين ۾- سونا سونا سنگ!

ريج جي عيوض رت کي هارڻ-
آب اچين کي اهڙو ٻيارڻ-
ساري ڌرتي، وستي وستي-
ريتا ريتا رنگ- ٻنهين ۾- سونا سونا سنگ!

ٻوڪ ٻڪل جا سنگ نچن ٿا-
خاموشيءَ ۾ ساز وڄن ٿا-
جهولن جهولن، جهومن ڳائن-
چڙ تہ هوا ۾ چنگ- ٻنهين ۾- سونا سونا سنگ!

جاڏهون ڪاڏهون جهاريون هڪلن.
ورهين جا ٿا وڇڙيل ڳڏجن.
ٽون جي ڌاهين، ٽوريءَ سائين.
ڏينهن هٿن ٿا ڏنگ. ٻنين ۾. سونا سونا سنگ!

هر ڪا ڪاٺي، ڦٽي ـ ڦاٽي.
موسم آچي مـڌ جي ماٽي.
شالون ساوون، مند ڍڪايون.
جهومن ٿا جهر جهنگ. ٻنين ۾. سونا سونا سنگ!

هاڻ هوا ۾ ڳيچ ٻرن ٿا.
چٻپ سنڌا چٽپ چرن پرن ٿا.
سيجون سايون. خوب وڇايون.
ڍول اچڻ جا ڍنگ. ٻنين ۾. سونا سونا سنگ!

منڊ انهيءَ ۾ سونجها تــي ويا-
من جـــا ميگهه- ملهار،
الو ميان،
ســـاهه اوهانجي ســـار!

من - مـــنڊر ۾ ســانـجـهي ڇانئي-
ياد توهان جـي جيئن جيئن آئي-
يا ته ڪٿي ڪنهن نيريءَ ڍنڍ تي- ماريءَ ڏوم مچائي؛
جنهن ڪان ٻوه تي من کي کهائي-
ڪـــائي ڪونــج آڌار!
الو ميان،
ســـاهه اوهان جي ســـار!

دل ته چوي ٿي جهومان ڳايان-
تـو ريءَ پنهنجو پـاڻ ۾ نـاهيان-
منهن تـي ميندي‌ءَ ڏار نـوائي، تنهنجي آس لڳايان؛
برکـا رت ۾ هيءَ جهڙ ڦڙ-
پريءَ پسڻ جا پار!
الو ميان،
ساهه اوهان جي سار!

وڻ ٽـــڻ وهنجي سهنجي جهومن-
آپـــرن آســـون، آڌمـــا اٿـلـــن-
اهڙيءَ مينگهه- ملهار ۾ سڄڻا! تنهنجي ملڻ لئه پيون ٿيون سوچن؛
جڏهن آنـــي جا ٿيت ٿا ڳائن-
پيلهون ڏاهي پار!
الو ميان،
ساهه اوهان جي سار!

تنهنجو جيون سڄڻ نه گهرجي- روڳي ٻڄي رڄڻ نـــه گهرجي!

خيال سنده چڻ چٽ گهڙي تي- تنهنجون سوچون ڳل پڙي تي؛
ڪونج ڳچيءَ ۾ هســـهلورا- پتو نر ڳان تـــي الهڙ چورا؛
اک ڪڏهن سان اڙڻ نـــه گهرجي!
تنهنجو جيون سڄڻ نه گهرجي- روڳي ٻڄي رڄڻ نـــه گهرجي!

لڙڪ اکين ۾ ايئن ٿئي ٿيون- بوليءَ ۾ چـــڻ جڙيل مٽيون؛
يا ته منڊيءَ تي اڇـــو ٻڙو آ- موتئي تي چڻ ماڪ-ڦڙو آ؛
ڳوڙهو ڳل تـــي ڳڙڻ نه گهرجي!
تنهنجو جيون سڄڻ نه گهرجي- روڳي ٻڄي رڄڻ نه گهرجي!

پرهه ڦٽڻ تي "رات جـــي راڻـــي"- سندر لڳندي آهي ساٿي؛
اوجاڳن جي آس پڇي شل- تنهنجي مـــن جي پياس ٻجهي شل
ڪتي ورى اج لـــڙڻ نه گهرجي!
تنهنجو جيون سڄڻ نه گهرجي- روڳي ٻڄي رڄڻ نـــه گهرجي!

سيٽي گوندر گس-
منهنجا ڏيندڙي ڏس!

منهنجي من جي ٽئونس هوا ۾، ڪڪريون ٻڌجي ايندڙي؛
ڦڙ ڦڙ، ڦڙ ڦڙ ڦيريون پائي، ياد اسان جي ڏيندڙي؛
وڏ-ڦڙي سان وس-
منهنجا ڏيندڙي ڏس!

پرهه-ڦٽي سان، پکي اسان جا حال ونڊيندڙي ڳائي؛
آپ اسان جا نياپا ڏيندڙي لاڪ جي لالي لائي؛
ماڪ-ڦڙن جا هس-
منهنجا ڏيندڙي ڏس!

ڪنهن جي من جي، ڦٽن سندا جي آڏڙيل ٽانڪا ڏسندين؛
ڪنهن جي دل جا، جلندي جلندي وڃ-وراڪا ڏسندين؛
چڪي مرڻ جي چس-
منهنجا ڏيندڙي ڏس!

وياڪل من جي، ويٺا ڪڏهين، راڳ وهاڳ وڃائي؛
ڪائي ڪونج، ولر ڪان وڇڙي، ڪڏهن ڪٿي ڪرلائي؛
اهڙي لنؤ- لهس-
منهنجا ڏيندڙي ڏس!

پيٽ ٻڪٽي سان، پئسن خاطر، نار ڏسبين ڪا نچندي،
ڪورا سانديي، خوب ٽپا ڏئي، پيار جي عوض پڇندي؛
نچڻيءَ جي نس نس-
منهنجا ڏيندڙي ڏس!

ٻوندن سان برسات.
آئي،
ٻوندن سان برسات.
رم جهم رم جهم بادل برسن ڇم ڇم ڇم ڇم ڇنا ڇمڪن؛
ڇهه ڇهه ڇهه ڇهه ڪڪرا ڪڙڪن ٺهه ڏهه ٺهه ڏهه تاريون ٽهڪن؛
وَسُ وَسُ وائي وات.
آئي،
ٻوندن سان برسات!
رات لڙي ٿي، واءُ گهلي ٿو چڙو چري ٿو، چنگ ٻري ٿو؛
وڻڙي وڻڙي ڏڪر ملي ٿو ڪيڏو سهڻو چنڊ لڳي ٿو؛
جهڙ سان ڇائي جهات.
آئي،
ٻوندن سان برسات!
جيئن جيئن سڪ سوائي ٿيندي تيئن تيئن ذات ٻه ڏنگ ٿي ڏيندي؛
ننڊ اکين کي سور نه ايندي گذري ويندي، گذري ويندي؛
مون سان رُنندي رات.
آئي،
ٻوندن سان برسات.
سنڌ ملڪ جي، ساک سوائي سارنگ جي ڪنهن وائي ڳائي؛
ڇڪ اسان جي ساهه کي آئي مينهن وسي ۽ تيئن وڌائي؛
تن ۾ تنهنجي تات!
آئي،
ٻوندن سان برسات!

اجري اجري آهه اڇائي،
چنڊ ڪٿي آ ڏس چانڊاڻ!
سورن جي سنسار منجهان ڏسي،
جيئن تيئن ڦٽڪي ڦٽڪي سائين،
مس مس سون آ جند ڇڏائي.
راهه تڪيان پئي تنهنجي ڪاڻ!
ڏات جهين لڳ ننڊ ڦٽائي،
اڄ ٻي شايد اڇو ناهي،
سهڻي سهڻي رات سهائي.
چانڊوڪيءَ جي چادر تاڻ!
چالهه دور گذاريون هائي،
کهڙي ڪل آ، کهڙي ٽائي،
جندڙيءَ ڪان ٿئي يار جدائي.
اکيئي ڪابهه نهه نيهن نڀاڻ!
ساهه - پکيئڙو آڏري ويو جي،
وقت لنگهي ويو جاني پوءِ جي،
توکي ياد اسان جي آئي.
ڀوڙهن مان پوءِ ڳالهيون چاڻ!
سين سنڌن ۾ سنگهرون جنهن کي،
جڳن ڪنا او ساٿي! تنهن کي،
سڏي سڏي ۽ ڇئي سچائي.
منهنجي من جو امرت ماڻ!

■

لڏندي لمندي هل!
اوڀيڙي،
لڏندي لمندي هل!
ڪنولن مين ڪي ٻوليون ٻوليون - ڇتيون ڇوليون، پنهنجون لوليون؛
هيٺ نہ پنهنجي من ڪي روليون - تهن سان ملي وٺ جنهنکي ڳوليون؛
شايد پويون ڏٺي هي پل!
اوڀيڙي،
لڏندي لمندي هل!
ڪاري ڪڪري ڪاڏهون آئي - جهڙڦڙ جهڙڦڙ بوندن لائي؛
ٽاڙي ڏاڍي ڏوم مچائي - سارنگ جي ڪنهن وائي ڳائي؛
روح جهين سان ٿيو رلمل!
اوڀيڙي،
لڏندي لمندي هل!
پنهنجي منزل ڪنهن بہ نہ ڄاتي - ساري دنيا گونگي ٻاتي؛
چالهہ آني آهي، حياتي - لوهون ٻوهون، جوهون جهاتي؛
ڪالهہ نہ رائي ڪوڏي تل!
اوڀيڙي،
لڏندي لمندي هل!
ڪنهن سان ڳرهين دل جون ڳالهيون - مٺيون، سندر، ٻوليون ٻاليون؛
نيون، نڪوريون، نج، نراليون - موٽ ٻرلنڊئي اکڙيون آليون؛
دل جو ڪنهن سان سور نہ سل!
اوڀيڙي،
لڏندي لمندي هل!

چنڊ چـهري منجهان،
چـونہ آيـرديـــو اچا،
آ ٻر ٻن مـــن ڏ سان.
موت ماري متان- ورق واري متان

پـرت پوري نـہ ٿي،
ســڪ اڌوري رهـي،
ڏيـل ڏنگ ٿي سهي.
موت ماري متان- ورق واري متان-

ڪـو ٻہ پنهنجو نہ آ،
ســـرُن سهنجو نہ آ،
وقت ڪنهنجو نـہ آ،
موت ماري متان- ورق واري متان.

جان ڪـوري ٻـري،
هاڻ هنيون ٿـو ڏري،
آھ وارو ڪـــري!
موت ماري متان- ورق واري متان.

آس اوسانڌجي،
ساهه پو سانجي،
وقت ڪيئن ڪاٽجي!
موت ماري متان- ورق واري متان.

جسم تنهنجو به سچ،
جسم منهنجو به سچ،
سچ هاڻي ته اچ!
موت ماري متان- ورق واري متان.

### او سينڌ وڄائيندڙ ٻڪرارا!

تنهنجا جذبا پر ڦڙڪائي، سينڌ- سرن ۾ آڏرن پيا،
پرڙا ڪولي، ٻوليون ٻولي، ڏور ڪنهن ڪي ڳولن پيا؛
تن کي سيئي سمجهي سگهندا، جن ڪان وڇڙيا هوندا يار—

او سينڌ وڄائيندڙ ٻڪرارا!

تنهنجي سينڌ- سنگيت فضا کي، مست ڪري جهوماڻيو آ؛
پره- پريءَ ڇڻ ساز انهيءَ تي، ’آسا‘ جو سر ڳايو آ؛
هو ڏس! هو ڏس! رات ٻه هاڻي، ويڙهي ويٺي پنهنجا وار—

او سينڌ وڄائيندڙ ٻڪرارا!

سينڌ- سرن ۾ سڏڪا رلمل، آڏما، آڏما، او سيٽڙا؛
لَهرَن مان ڇڻ ليٽا پائن، اوجاڳيل، اڻ پورا سپنا؛
سوز انهيءَ ۾ آهه سمايل، ساجن ڪنهن جي سرهي سار—

او سينڌ وڄائيندڙ ٻڪرارا!

سينڌ وڄي ٿي، فضا نچي ٿي، ڇڙيون وڄن ٽيون ٻڪرين جون؛
ڪوئل ڪوڪي ساز وڄائي، پؤنر گلن تي ”پون، پون، پون“؛
ساري دنيا ساز بڻي ۽ ڇيڙي پئي آ ان جي تار—

او سينڌ وڄائيندڙ ٻڪرارا!

سينڌ سندا آواز سندھ جھم سڌ، پڙاڏا ٻڌجي ويا؛
ٻري ٻري ٻولارن مـــان سـي، ٻٽڪي موٽن ٻيا؛
هـــاء وساريل، ماريل ماريل، جن کي آهن ڇورا ٻار ــــ

او سينڌ وڇائيندڙ ٻڪرار!

ڪوجها انگڙا، جهوڻ رنگڙا، راڳـــي او ويراڳـــي ٻار؛
تنهنجي ڳنڍڪر، ٻڪرن واهــر، تنهنجو منڙو ماڪيءَ لار؛
تنهنجو ٻولڻ، جڻ تہ وڃي ٿي، ڇيڙيءَ اندر ڪا لنوندڙ لار؛

او سينڌ وڇائيندڙ ٻڪرار!

ڪير چوي ته پرائو، ووه
دل ۾ هُرندو هُرندو آئين ساهه ۾ ٻڄي سار!

هيڪر منهنجي اڱڻ مٿان تون پيارا پير گهماءِ؛
ڀي ڪا ڳالهه نه ياد اچيئي، ڪجهه نه ڪجهه ڳالهاءِ؛
ٺهڪر ٺوڙي هانءُ، ووه
مون لاءِ ساڳي معنائن جي مڙئي پيار پچار!

مينهن منڊائتو جڏهن ته منڊيءَ تي آهي تڪ جڙيل؛
مست هوا ڏس ٺمڙ تي ڪائي جنهن ۾ مڌ مڙهيل؛
روشن روشن رائو، ووه
سارا سُونهن سڪي اڄ پانيان پيءَ پسڻ پار!

ساجن اکيان سرتيون منهنجون سارو هٿ آهيچ؛
جنهن جو مرڪڻ مڌ ٿو پياري، ڀالهائڻ جڏهن ڳيچ؛
اهڙو ماڻ نه چائو، ووءِ
جنهن جي سنگ سوا اوجيڏيون! باهيون باغ بهار!

مون لاءِ چورا ڪورا من ۾ ازخود جاني هوندئي؛
منهنجي سچائپ لاءِ او سهڻا ڀڪي نيشاني هوندئي؛
سارو چهرو سائو، ووه
لڙڪ ڳلن تي، مرڪ چپن تي، هٿ ۾ ڳانڍاڻ هار!

مان ٻه، توهان جيئن جهومان ڳايان.
خوب لڏان هوند ليلي لاوان.
سورٺي سنگيت ڪٿي مان، ڇا لئه هيئن وڇيان هان؛
پريتم ڪي جي پايان هان!

ڪوئل ڇا لئه ايئن ڪوڪي هان.
ڇو ڪارونجهر ۾ مور رڙي هان!.
راتيون جاڳي، ڏينهن ڪري مان، نيڻن نير نه نايان هان؛
پريتم ڪي جي پايان هان!

آءٌ وياڪل هيئن ويڳاڻي.
پريم ڇڏي روُيم ڇاني واڻي.
پرجي هوندي، پوءِ ڇو سرنيون، پاڻ اڪيلو پانيان هان؛
پريتم ڪي جي پايان هان!

منهنجي من جي چورينهن ويٺا.
سور ته نه ڏئي هان ٻيٺا ٿيٺا.
پيڙا پريل، پوءِ سڪي ڇو؟ گهايل گيت بنايان هان؛
پريتم ڪي جي پايان هان!

گهر ڪي ٻاري ڏياري ڪيان هان.
پيءُ پسڻ لئه مري جيان هان.
مست بڻي ۾ چير ٻڌي؛ مان ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳايان هان؛
پريتم ڪي جي پايان هان!

مان به وهيءَ ڪي روهه نه ڪيان هان؛
جڳ جڳ جانيءَ سان جيان هان.
مندڪي من سان هوند لڳائي، چانڊوڪيءَ کي چايان هان:
پريتم ڪي جي پايان هان!

■

اين وچي ٿسي ٻن ۾،
ٽانگهه وڏي ٿي ٽن ۾.

مون لاءِ مينگهه-ملهارون آهن، تنهنجون نينهن-نهارون يار!
سڪندڙن جي لاءِ چڻ ڪي ساٿي، تنهنجون مٺيون ساروڻ يار!
موج ٿئي ٿي من ۾،
ٽانگهه وڏي ٿي ٽن ۾.

مينهن ڪڻين جي پايل ڇمڪي، سارنگ ڪيئي رنگ رچايا؛
نچندڙي نچندڙي، ڪڏندڙي ڪڏندڙي، ڪنوڻ ڪڪرن کجڪا لايا؛
کلندي آئي ڪن ۾،
ٽانگهه وڏي ٿي ٽن ۾.

طوطا جهومي جهومي ڳائن، ڏاريءَ ڏاريءَ ناچ نچن؛
هيڙها 'هوهو'، ڪوئل 'ڪوڪو'، ڳيرا 'ڳٽ ڳٽ' ڪن،
پرت پچارون ٻن ۾،
ٽانگهه وڏي ٿي ٽن ۾.

هير آئي جي، هنج ۾ لوڏي، ياد ڏياري يارن جي؛
چڻ ڦڻائي، خوب وڄائي، مٺڙي نند مون ٻارن جي؛
ڳالهه ڪري ڪا ڪن ۾،
ٽانگهه وڏي ٿي ٽن ۾.

تو ريءَ مينهن ميارون ڏئي ٿو، آجيان ڪيان ڪيئن آءٌ اڪيلي؛
جوڀن مون ۾ جاڙ ڪري ٿو، وِيتر ماري، جڏهين ٻاهي؛
چاٽ پوي ٿي ڇن ۾،
ٽانگهه وڏي ٿي ٽن ۾.

سوچون سڀ سارنگ ـ الا
جيئون سارو رنگ ـ الا.
ڪنهن جو مرڪڻ مڌ پياري ـ مست بڻائي سور وساري؛
جهومائي انگ انگ ـ الا
جيئون سارو رنگ ـ الا
جندڙو جهومي اٿندو آهي ـ جڏهين وڃندو رهندو آهي؛
چاندوڪيءَ جو چنگ ـ الا
جيئون سارو رنگ ـ الا
خيال ـ ڪنول ٻه ڪڙي پٽي ٿو ـ گل گل ٻٽجي ٽڙي پٽي ٿو؛
ذات سندو هر ڏنگ ـ الا
جيئون سارو رنگ ـ الا
سهڻو، ڪوجهو آهي چاهي ـ ماڻهوءَ ماڻهوءَ جو من آهي؛
مصريءَ جو ڇڻ سنگ ـ الا
جيئون سارو رنگ ـ الا
پيار پرينءَ جي سار سوا ـ سيٺي رشتا، ناتا ڏوڪا؛
نينهن نه ڇانئي ننگ ـ الا
جيئون سارو رنگ ـ الا
سير جو دان سهائي آئي ـ سانت ـ ننگر ۾ سنجها ٿائي؛
ٻيهر هٿجي ٻنگ ـ الا
جيئون سارو رنگ ـ الا
اڄ اڄ ڏون مان وڃا ڏاهيون ـ ڪڏجي سڌجي آهَ بڻايون؛
صحيح جيئڻ جو ڍنگ ـ الا
جيئون سارو رنگ ـ الا
اهڙا ميٺا جڏهين ٿيندا ـ ڏسندي ڏسندي رهجي ويندا؛
دنيا وارا دنگ ـ الا
جيئون سارو رنگ ـ الا.

ڪاري رات ۾ ڪوئل وانگي، ڪوڪي ڪوڪي ڳائي-
سانت اندر، سنگيت انھيءَ ۾،
تنھنجي ياد ستائي!
ساجن
تنھنجي ياد ستائي!

ھاڻ ٻه مند متجھ تي آ، چاڻ ٻوا ھت لابارا؛
ان ڪان پوءِ ستت ٿي ساجن پوندا پوھ جا پارا؛
منھنجا ساجرا تنھنجي ڪارڻ-
آسروندڙي ويٺي آھان-
ڏوئيءَ لاڪ لڳائي،
ساجن
تنھنجي ياد ستائي!

ساريون راتيون، سورن منجھه مان جاڳي ٻٽيس سودائي؛
اونداھين ۾ ياد ۾ تنھنجي ڪاھيو آئي؛
رات اماسي، دلڙي اداسي-
جھڙ جي جھانجھه، ته جيڏا سرتا-
ويتر من کي گھائي،
ساجن
تنھنجي ياد ستائي!

تنھنجو پيار پريتم سھڻا سانديان تي پٺي ساھه-سڳي؛
ڪٿيون لڙن ٿيون جاڳي جاڳي، ير جي ڪائي اک لڳي؛
سرجن سپنا، چرڪ پون ٿا-
ھيڪل وياڪل، سچ پڇين جي-
مونکي گھر ڏو ڪائي،
ساجن
تنھنجي ياد ستائي!

ڏکيو هرهڪ ڏينهن لنگهي ٿو، اهڙا ڪيئي سال ٿيا؛
ڪانگل ٻوليو ڪالهه ٻکڙي تي، مون ڪئي تنهنجا ڀُور ڀيا؛
اڃا اچڻ جو، پتو نه ڪيو ٿو.
اهڙي ڪرڻي، تو ڪي هتي جي -
لنئون نه وڃي ها لائي،
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!

ماڻهو موتيا، مال ٻه موٽيا، واهيرن ڏي ورن ٻکي؛
منهنجي ور ڪي، ويرم چو پئي، اڄ به نه آيو هاءِ سکي؛
گهر ۾ سپ ڪو، ڏائينڪو ٿيو.
لوڙائُوءَ جي، لات لنوين ٿو.
جڏهين تند تپائي،
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!

اڄ ته سکيءَ آ سڏي ٻڌايو، منهنجو ساجن ايندو؛
سوچي لڄ ۾، ساهه وڃي ٿو، ڪيئن منهان منهن ٿيندو؛
آءٌ ته ناتر، تنهنجي خاطر.
دڳ جهليو ۽ بيٺي آهيان.
پاند ۾ پيرون پائي،
ساجن
تنهنجي ياد ستائي!



سرجي سورن ساءِ.

اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

باک ـ ڦٽيءَ ۾ بانورا، چير ٽـــ، ائين چمڪاءِ؛
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

پنهنجي پورن بڪ هٿن تي، ميندي ڪين لڳاءِ؛
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

چير ڇڏي چرڪائي جيڪا، اهڙي پايل پاءِ؛
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

دل جو ڪورو خاڪ ٿئي، ڪو اهڙو راڳ ٻڌاءِ؛
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

وڃ نسورا نين توهان جا، ڪجل نہ تن ۾ پاءِ؛
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

پورن دل ڀروڻ ڪئي آ، گھور وجهي تہ نہ گھاءِ؛
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

ويل وصل لئہ وٺا چوري، نيڻن نير نہ ناءِ؛
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

ان جي دل جي دنيا جلندي باهہ، ٻري جنهن جاءِ؛
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

تون تہ اجايو جان وڃائين، ڪير مري ڪنهن لاءِ؛
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

چوڏس رات ۾ چنگ چپن تي، ڳاءِ، او راڳي! ڳاءِ!
اسان جي اڳ ٿي دلڙي گھائي آ!

دودي جو تو سودو ڪيڙو، نيرا تنهنجا پير؛
موت ته ڪوئي ميٺو ناهي!
ٻمن جي ٻو چاڙ منجهان پيي، ڇپي ڇوي ٽي ڪير؛
موت ته ڪوئي ميٺو ناهي!
مري وڃڻ ڪان اڳ ۾ تنهنجي چانوَ ۾ ميڙيان پير؛
موت ته ڪوئي ميٺو ناهي!
سهڻيءَ سير ۾ مرندي سوچيو ڪبا نه ٻوڏان ٻير؛
موت ته ڪوئي ميٺو ناهي!
تنهنجي هڪڙي موت مٿان تي ويڙين جا ويا ڍير؛
موت ته ڪوئي ميٺو ناهي!
پاڻ سجائي ويا هون سرتا، ڪهڙا پنهنجا، ڪهڙا ڏير؛
موت ته ڪوئي ميٺو ناهي!
سر ۾ سوري ازلئون ناتو، سچا نه آهن سير؛
موت ته ڪوئي ميٺو ناهي!
سچ جون شاخون ٻجهي ڦهليا، ڇڙن جا سپ ڇير؛
موت ته ڪوئي ميٺو ناهي!

سانجهي، پيلا پن، هوا جا جهلڪا جهيڻا جهيڻا؛
واهه ۾ سڏڪي ويٺا!
ڪينر ڇوري، آخر ٽڪيا، هڏڙا هيڻا، هيڻا؛
واهه ۾ سڏڪي ويٺا!
لڙڪ لڪائي لڄ منجهان ٿي، چوندي ويني چيڻا؛
واهه ۾ سڏڪي ويٺا!
منڊ پسي ۽ تنهنجا مـن ۾، درد ٿين ٿـا بيڻا؛
واهه ۾ سڏڪي ويٺا!
ويچ اسان جا وڏاڏوڪا، فرق نه ڪن ٿـا ڦيڻا؛
واهه ۾ سڏڪي ويٺا!

پنهنجي من جي ميڻ بتيءَ ۾ خيالن جي وٽ ڪامي ٿي؛
ساري رڪ آڏامي ٿي!
منڊ ملڪ جي ايندڙي ايندي، اندر آس اُپامي ٿي؛
ساري رڪ آڏامي ٿي!
ڪاڪا دلڙي ڪيميا قيمت، ڪاڪا مس اگهامي ٿي؛
ساري رڪ آڏامي ٿي!
جنڊڙيءَ جي هيءَ جوت ٻه جلندي جلندي هاڻ اجهامي ٿي،
ساري رڪ آڏامي ٿي!

ماڻهوءَ من پر پائيندي آ۔
سانت ٻه ڪڏهين ڳائيندي آ!

وياڪل دلڙي وقتي وقتي، چانڊوڪيءَ کي چاهيندي آ؛
سانت ٻه ڪڏهين ڳائيندي آ!

شام لڙي ۽ سج جي لالي، خوب لڱن کي لائيندي آ؛
سانت ٻه ڪڏهين ڳائيندي آ!

رات لڙي ۽ ماڪ سندي جو، پايل پير ۾ پائيندي آ؛
سانت ٻه ڪڏهين ڳائيندي آ!

رات سڄيءَ جي رنڌن کي ڀي، پرھ۔ڦٽي پرپائيندي آ،
سانت ٻه ڪڏهين ڳائيندي آ!

ڪتي لڙي ۽ ماڪ ۾ وهنجي، گهوري گهوري ڳهائيندي آ،
سانت ٻه ڪڏهين ڳائيندي آ!

لوڪ ستي جو لڪي لڪي ۽ تنهنجي ياد ستائيندي آ؛
سانت ٻه ڪڏهين ڳائيندي آ!

ڏات اسان جو روڙي روڙي ماس هڏن تان ڪائيندي آ؛
سانت ٻه ڪڏهين ڳائيندي آ!

●

سرءُ سنبا هي تيز ڪري ٿي، گل گل تي گهيرا،
واس ته پوءِ به اچي ٿو!
اچو ته سج جا آهوڙيون اڄ پوڏاڙيءَ پيرا،
واس ته پوءِ به اچي ٿو!
ڪاڻي ارڙي اوڙاهن ۾، ڄڀيون ڪن چيرا،
واس ته پوءِ به اچي ٿو!
سرهو جو ٻن، چانهين ڪپ جيئن، آهي ڏس ٻيرا،
واس ته پوءِ به اچي ٿو!
چندن ٻوٽو ڇڇيانيو ويو، ڪيئن لکمن ٻيرا،
واس ته پوءِ به اچي ٿو!
سامين رات لڙيءَ آ لڏيو، ڏوپ نه سي ديرا،
واس ته پوءِ به اچي ٿو!
عطرن هاڏا، ايٽ تني پيا، هٽ نه سي ڏيرا،
واس ته پوءِ به اچي ٿو!
عنبر اوتيل اندر وارا، منهن ڪيو ٻل ميرا.
واس ته پوءِ به اچي ٿو!
واس ته پوءِ به اچي ٿو!!

کهيڙ نهاريان کهٽ —

رَنڌ رسي ويو آهه پرينءَ جيئڻ!
سڄ ٻه لڪي اڀ جيئڻ آهي، ڇڄي ڪري پيو پٽ؛
رنڌ رسي ويو آهه پرينءَ جيئڻ!
جڪ اڇن ٿا، جهان ٻلي ٿي، پاڻ تي ڪاوان ڪٽ؛
رنڌ رسي ويو آهه پرينءَ جيئڻ!
اڇو پٿو هيئن آپ ۾ ڏسندي، ساهه کي آئي مٽ،
رنڌ رسي ويو آهه پرينءَ جيئڻ!
سارا تارا اڄ ته لڪن ٿا، آپ جا چڪندڙ ڦٽ،
رنڌ رسي ويو آهه پرينءَ جيئڻ!
ڪوراڙن جي ڪاٽ، الاڙي! واٽ سندا وٽ،
رنڌ رسي ويو آهه پرينءَ جيئڻ!
چنڊ! اسان تي چانڊوڪيءَ جا، مٿان هارج مٽ،
رنڌ رسي ويو آهه پرينءَ جيئڻ!

ڏاگها وک وڏاهه —

رات پوي ٿي رڻ ۾!
اڄ ٻه ٽڪيندو رهندو هوندو، ٻرين اسان جي لاءِ،
پيڙيءَ پسڻ ريءَ هيئن هٽيئي، جهري ته جندڙي هاءِ،
چرندو هل ۾ چور چڙي کي، ٻل لئه روح ريجهاءِ،
ويل اويلي، آهه اڪيلي، جندڙي ناهي جاءِ،
تنهن کي سڌ ڪيئن ڏيندو ڪوئي، مران هتي جنهن لاءِ،
رات پوي ٿي رڻ ۾!

ٻارڙن جو اڄ ٻار —
چو تہ صبحاڻي تون بہ نہ هوندين!

پنهنجي ڏاهپ، مورت ۾ تون، پنهنجو پاڻ بہ وار؛
چو تہ صبحاڻي تون بہ نہ هوندين!

پريت ۾ پنهنجا هڪ هڪ ساري، سيئي واعدا پار،
چو تہ صبحاڻي تون بہ نہ هوندين!

پل پل مڌ پيالو آهي، لڙڪ نہ ٽن ۾ هار،
چو تہ صبحاڻي تون بہ نہ هوندين!

ڏونگر جي هن پڙ آ ساجن، ڏونگر کي اڄ ڏار،
چو تہ صبحاڻي تون بہ نہ هوندين!

چوڻ جو چاهين ٻاڪل چئي ڏي، هاڻ تہ پنهنجو ٿار،
چو تہ صبحاڻي تون بہ نہ هوندين!

جوين سيج سڌ ٿي ٻئي سرتا، ڏاڏو هيٺن نہ ٿار،
چو تہ صبحاڻي تون بہ نہ هوندين!

توکي ماري موت، انهيءَ کان موت اڳيئي مار،
چو تہ صبحاڻي تون بہ نہ هوندين!

دل تي رکجي هٿ، او يار!
پل پل آهن پيار!

هير ڳهلي سان، پن لڏي ٿا ڇيڙن ڪائي تار،
پل پل آهن پيار!

چنبيڙي چنڊ پٺي ٿو آپ سان، جڏهن وڇڙن يار،
پل پل آهن پيار!

ڪنهن ڪنهن جي لئه، ڪانڊيڪتيءَ جي، ڪبي نه ڪن لاٿار،
پل پل آهن پيار!

ماٺ مُٺيءَ هن ساز ۾ آهن، ڪيئي سر هزار،
پل پل آهن پيار!

چانڊوڪيءَ ۾ تنهنجون يادون، پايان ماڪيءَ لار،
پل پل آهن پيار!

ڪن ڪن ڪڙڪيتا آهن، ڪڙندڙ ڪٽڪار،
پل پل آهن پيار!

گل ـ گلابي گهڙيون سرهيون، سڳنڌيون تنهنجي سار،
پل پل آهن پيار!

مُکڙيون مهڪيون، پوپٽ اُڏريا، رنگ فضا ۾ پکڙي ويا،
منهنجا گھايل گھايل آدما!

گرهڻ ۾ سج وانگر بلڪل ڪيڏو ڦٽڪي، تڙپن پيا،
منهنجا گھايل گھايل آدما!

جن جي جان جلائڻ عيوض، مهڪن، چهڪن، ٻهڪن پيا،
منهنجا گھايل گھايل آدما!

گل جي چٽيل پنڙن وانگي، بسنت ۾ ب تڙي نہ سکهيا،
منهنجا گھايل گھايل آدما!

تن جي تند تي، يادن هٿڙا، گل-گلابي گيت ڇڙيا،
منهنجا گھايل گھايل آدما!

'پرهہ-ڦٽيءَ جو ڪوئل' وانگي، ڪيهون، ڪيهون، ريهون ٿيا،
منهنجا گھايل گھايل آدما!

رات انڌاري، ڪينجهر ڪپ تي، ڪڙڪيتا جهڻ ڪي ڏيا،
منهنجا گھايل گھايل آدما!

سُو سنيها ٿا مان —

ڇو تہ نيڻن جي نماڻي ننڊ مان!

ماڪ ۾ وهنتل ڪنول، ڪينجهر اندر جهومن جهاز،
ڇو ستارا سانت ۾، مون سان روئن ۽ ڪجهہ چون،
ڇپر جي ڇپرن منجهان ٿا، پيار جا پاڇا پون،
نيڻ — نجهرن ۾ ڏٺا، لڙڪن سندا پرندا رهن،
ڇو تہ پن ڳڙڪن منجهان، منهنجا عڪس مون ڏي ڏسن،
هڪ جلڪ ۾ ڇو صدين جا، سور ٿا سلجي وڃن،
جن منجهان جذبا، بسنتي- باک جيان اڀري اچن،
جيترو اونهو ٻہ، وڇڙجي، اوترا اونها ٿين،
ڇو تہ نيڻن جي نماڻي ننڊ مان!

سينواريل سنسار ۾ هت، بي موت مري ويندا سي؛
او هوت! مري ويندا سي.

اڄ پيار وري، ڪجهہ جيار وري، ڇو تہ مري ويندا سي.
شام سرڪ جي، پوءِ بہ کهڙي، ڳڻ — ڳوت مري ويندا سي.
منڊ مست اندر، پيار وندي وٺ، پوءِ تہ مري ويندا سي.
رتِ ريت چڙهي، منهن ڪي جي مٺيو ٿو تہ مري ويندا سي.
ڪجهہ يار ڪلو، آ موت اٽل ها! سو تہ مري ويندا سي.
او هوت! مري ويندا سي.

آهري تو جيان اجهل —
— ياد تنهنجي جـــيءَ جهوراي!

تون ڪلين اڏين تو لڳي چڻ مڌ جا ڪي مٽ ڪليل،
— ياد تنهنجي جـــيءَ جهوراي!

چنڊ جـــي چانـــداڻ ۾ سي نيڻ تنهنجا اڌ — ڪليل،
— ياد تنهنجي جـــيءَ جهوراي!

سمنڊ جي ساحل مٿان، سهڻي سپڻي هي چـپ ڪليل،
— ياد تنهنجي جـــيءَ جهوراي!

رات جـــي ڀوئين پهر، جـــاڙا پـــرون تنهنجا پنل،
— ياد تنهنجي جـــيءَ جهوراي!

تون ڪلي، مون سان ملي ۽ پوءِ به لڳندي آن رنل،
— ياد تنهنجي جـــيءَ جهوراي!

ڪنهن خزان جي واءَ مرجهائي ڇڏيئي منهنجا ڪنول،
— ياد تنهنجي جـــيءَ جهوراي!

منهنجي چاندوڪي مٿيءَ هن ۾ تون سچ پچ آن ملول،
— ياد تنهنجي جـــيءَ جهوراي!

جل ٿل بادل بوندون برسن، کنوڻين جي ڪجڪار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳائن جذهين، ٻهراڙيءَ جا ٻار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
انڊلٺ جو هر رنگ آ اڏمو، پيءَ پسڻ جا پار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
اوڙاڌوءَ جون لايتون ٻڌني، ڍريءَ ڍينگهر جي ڍار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
تاڙو ٻولي، وڄ پيي چمڪي، توتي محب ميار
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
موتين جا سَوَ هار هوا ۾، جهولن ڏيلهن ڏار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
ڪهڪهه انهيءَ گهنگهور گهٽا تي، وڄ ڪَري سَوَ وار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
جي من جا، اهڙيءَ مند ۾، مونجها مينگهه ــــ ملهار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
وڻن پاڻيءَ وٽيون ناهيان، دوار وڇايا وار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
ياد اوهان جي ٻار هوا ۾، گلشن جي هٻڪار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!
راڳ اسان جو ربهون تي ويو، تند ٽٽي پئي تار،
الو ميان ــــ ساهه، اوهان جي سار!

# نيون مضمون



★

’چنڊ-ڪلا‘ جٺن چنگ وڄايو، نڪتن ناچ ڪيا،
منڊ بسنتيءَ جون مڌ پياليون آهُ تہ ڳڌجي پيون پيا!
آهُ تہ ڳڌجي پيئون پيا، جو منڊ بہ نہ پلٽي ورندي،
هيڪل پنهنجي ڪيسيتائين آخر پيارا سرندي؟!
منهنجي من-ڪنول مٿان تون ماڪ-ڦڙو ٿي آهُ پيلا،
پاڻ کي ڳڌجي پيئندو ڏسنداي، جهومي ’چنڊ-ڪلا.‘

★

نيڻن-تل جي لڙڪ-ڪنول تي،
منهنجي من جو پڻونرو اڏري؛
پڻونرو اڏري، ساز وڄائي،
ڏن انهيءَ تي، هير نچائي؛
ڳائن ٿا ’آسا‘ لڙڪ-ڪنول،
جاڳن ٿا پيا نيڻن-تل!

★

تنبوري جي تار ٽٽي چِڙ سڏ ڪو ڪٿهنجي وڃ،
سور انهيءَ ڪان ساز سندو هو اندر لڳيو ڦٿڪيو؛
اندر لڳيو ڦٿڪيو جو ان ۾ راڳڻ لاٿو روڳ،
’تلنگ‘ لڳائي نئون چڏي ۽ جيءُ جلائي ’جوڳ‘
ڪنهن کي ڪهڙي ڪل تہ چاني سڙيو ڪاهيو ڪوري!
ڪيڏا سور سنا پئي سڙندي، منهنجي من-تنبوري!

★

ڏور وهن پيا هلر هلو،
چڻجي ٿو پيو سڪل سلو،
سڪل سلو ساهه اسان جو،
ماڻهوءَ ٿي ويساهه اسان جو،
ماڻهو محبت وارا مور،
پاهه ٻکن ۾ چڻ کي ڏورا!

★

ساهن جي سر ساز مٿان،
مرڪن جا ڪجهه گيت ٻڌان،
گيت ٻڌان دل وندرايان،
دل ڏي دل ۾ آءٌ ٻس ڳايان،
مون سان گڏجي سڀ ڳائن؛
سڪ ۾ جهومايون ساهن.

★

انڪٽا، آسون، آدمان،
جيوت جي لئه، ٽوٽيون ٽنيا،
ٽوٽيون، ٽنيا، لڏي پون،
سارا جذبا، ٻڏي پون،
چهٽا آهن، رتّڪ چٽا،
سوني، موتي انّڪٽا!

▲

دل - ديول ۾ ڏيئو ٻاري -
روز هلي هٿوڪ وڃندي آهي،
وات وهاڻوڪ تاري.

▲

ڍنڍ ۾ ڏيڏر ٽان ٽان ڪن ٿا -
لهر لهر ۾ چنڊ نچي ٿو،
رلجي ملجي، رانــد رهن ٿا،

▲

سون سريکي سانجهي ڇائي -
پکي پکڻ ۽ ماڻهو موٽيا،
تنهنجي يـــاد مــوٽي آئي،

▲

ٻوٽيون ٻـــهر، منهن تي مات،
ننڍ ٻه شايد هلي وئي آ،
وڻــي پرين جـــي وات.

▲

ڪاريون راتيون پور پـون ٿا -
راتيون رلنڊڙ چريا آهن،
مـــاڻهو سيئي اينئن ڇـون ٿا.

▲

اُڀ ۾ مند جا مست ذرا-
چنڊ نشي ۾ ٽيڙ ٿو ڪائي-
ٺلرا — پيالن جا ٽڪرا.

▲

چانڊوڪيءَ ڀِٽي مند اوتي،
پرهه - ڦٽيءَ سان ويڙهي ويٺي:
"رات" بسايل ٻوٽي!

▲

اکڙيون هونديون بند،
سپنن جي سنسار ۾:
ماڻهو ٿي ڪنهن هنڌ.

▲

چوريءَ ڏي نه نهار،
ڪانيائي هڻ، پوک ڪي
ڪائي ٿي ٿي جهار.

▲

اهڙو ڪهڙو ناڻو-
ڪاتب لکيو ڪاڳر ني.
هڪڙو ٻڪو ٽيو هاڻو!

# دوہا



*

چنڊ نشي ۾، تيز تـــو ڪاڏي، روڻي هـــاري ماڪ،
تنهنجي ڪوٺي، خالي ڇو آ، ڪاڏي ويا سڀ پياڪ.

ڪوي اسان کي ڪان لڳي ٿو، جي ٿو ڪوڏي ٻڪ مري،
ڏينهن ٿـــيا جـــو ڏيهه سڄو ٿو، ڏڪڙا روز ڏري.

ڪاري رات جو پردو ڦاڙي، سڄ جوڪو سج ٻري،
اهـڙي پـرهـ پـري آسـا ٿـي، اهـڙي پرهه پـري.

ٻوڏين رات، ٻـــولار ٻسي ۽ ڏات هٽي ســـو ڏنگ،
ڇو ٿو چورين چنگ ـ ڙي ڇورا! ڇو ٿو چورين چنگ.

شايد منهنجي موت پڇاڙا موٽي ٻوهه هـــو ٻار،
منهنجا هن کی ساري ڇڄجانء سائين ڏاڍا پيار.

منهنجي موت پڇاڙا مٺڙا، مينهن ڪري جي وس،
سارا پوئـا پسجانه ســـاٿي، کهمجانه سارا گس.

منهنجي موت پڇاڙا جڏهين، چنڊ ڪري چانڊاڻ،
موڻ وٽ ٿلندو ٿلندو اچجانه يار! اڪيلو پاڻ.

منهنجي موت پڇاڙا جـڏهين، ساڳي منڊ وري،
منهنجي ٻر ۾ يار اچي تون پڇجانه جام ڀري.

چوڏهينه جي ٿي چانڊوڪي، چمندس تنهنجو مک،
پنهنجا ڳوڙها، ماڪ وهائي، ڏوريندس ائين ڏک.

’ياد‘ اهو ٿٽ آهي جاني، ويچ هٿان ڇٽندو نہ ڪڏهن؛
ويتر ڀمندو، ويتر چڪندو، مڌ ماتي اينڊي منڊ جڏهن.
ڪاريون ڪڪريون بوند وساتي، وٽري وٽري ڪاڏي ويون؛
منهنجي من کي ساٿ نہ نيائون، جنهن ۾ ڪيٽي ڇر ڇيپون.

مينهن ڪٽي يا ماک ڦڙي يا ڳل ڌان وهندڙ ڪو ڳوڙهو؛
پاڻي آهي، پٽ تي ڪرندي، پلتي ڪجهہ بہ ڇڏي نہ ويو.
ڊِڏيل سندي مون ڏهر تي، ڏيٺو ٻاري ڇڏيو آهہ؛
تنهن جي راهہ تڪيان ٿو وينو، جيڪو شايد اچڻو ناهہ.

وياڪل من جي ويراني ۾، آس جا ٿوهر ڦٽي پيا؛
نيٺ تہ وسندا، نيٺ تہ وسندا، وسندا مينهن ڦڙا.
پريت اسان جي، پرهہ ڦٽيءَ جيان رنگ رنگ روپ بنائيندي؛
جنهن ۾ گل ناچ ڪندا ۽ مکڙي مکڙي ڳائيندي.

*

ڏات ڏکن جي ڦلواڙيءَ جا پن پن آهن پياڪ؛
نيڻ ڳلن تي، ڳوڙها موتي، ماڻهن ليکي ماک.
برهہ بحر ۾ من جي ناؤڪا، ٻڏتر ٻڏتر راند؛
وکريل وکريل، چنڊ جا ڳوڙها پرهہ ڦٽيءَ جي پاند.
چنڊ ننڍاڪي نچڻي آهي، گهنگهرو آهن تارا؛
نچي نچي ۽ ڏئي هاما ويا، سپنا پيارا پياوا.
سڀ ڪو ماڻهو ننڊ سمهين ٿو، آپ پٽي ٿو تارا؛
آپ اکيون ٿو پوتي جيئن ڏي، ماڻهو جاڳن سارا.
آيو پرين، او چنڊ پيارا! تون ڪا جوت جڳاءِ؛
تارن چاڙهو ڪونہ ڏيکاريو، اوندهہ جاءِ بجاءِ.

چنڊ سنڌ اڄ ٿڪ نشيلا، ٽمٽڙو ٻنجي ويا؛
رات، ازل جا راز اسان سان، ساري سڀ سليا.

اوندهه جو سڀ زهر سميٽي، ڪٽڙي گيت ڏيان؛
جوت اندر پوءِ، جهٽڙا جرڪن، تن ۾ امر ٿيان.

آهه ڪلا جي ڪچ ۾ منهنجي، مڪتي ماڻي چاهيان؛
جي ڪجهه آهيان، ڪوتا آهيان، باقي ڪجهه به ناهيان.

منهنجا گيت برابر توکي ڏؤ نه ڏيندا يار؛
تنهنجي ڏؤ جو راز جنهين ۾، سا ڏي ڏينده سار.

*

هلڪي هلڪي بوند پئي جي، ’ياد‘ اچي ٿي ڇيريون پائي.
خنڪي آهي خوب هوا ۾، منڙو پي ٿو اچلون ڪائي.

آڏيءَ ٿائين چنڊ پرين چو، جهڙ ۾ پاڻ لڪايو ٿئي؛
ڪنهن ڪنهن ويري، ليئو پائي، گهايل دل کي گهايو ٿئي.

چنڊ نه آهي چڪور چريا، تون ڪنيڙا ان سان ڪين لڳاءِ؛
جاني منهنجو نند ستل آ، تنهن کي هرکي ڪين جاڳاءِ.

چمڙو ناهيان، چمڙو ناهيان، سچ سان آهي منهنجو پيار؛
هاهه چڪورا! منهنجو پي آ، چنڊ جهان ڪوئي پيارو يار.

پونءِ سچيءَ ٿي، پينگ الاڙي! ڪوئي به پڙاڏو ناهي سڏ؛
مون سان شايد مري رچي هي، ساهه سان جيڪو آهي گڏ.

توکي ارپيم جان سچي مان رهيو آهيان باقي گيت؛
منهنجي منشا موج ۾ مستي، مڌ جو پيالو منهنجو ميت.

*

سانوڻ تنهنجا ساٿ پلا پر پنهنجا سوڻ نه، سڦلا ٿيا؛
منهن چوي ٿو ناچ ڪيا پر گهنگهرو ربهون بڻجي ويا.
هاءِ آئي جي هير اندر هي، ڪنهن جا ڳوڙها ڳڙ آهن؛
ڇاتي ڇهندي، ڳل ڳل چمندي، وياڪل وياڪل من بڻائن.
ڪکر ڍڪي ويا، چنڊ پرينءَ کي، پنهنجو منڙو آهه چڪور؛
ڪنوڻيون بڻجي ڪاٽ هڻي ٿو، چاهت ڪارڻ بڻجي چور.
ڏونهاتيل آ دل جي دنيا، ڪيرو ويرو آهي ساهه؛
پوءِ به اسان جو توسان آهي، هاءِ حياتي، ڪيڏو چاهه.
آهه اسونهين، واٽ انڌاري، ساري وستي آ ويران؛
آئي ستارا واٽ ڏيکارن، جتي نه ڪوئي آ انسان.
ڪهڪهه ڳهٽا جي ڏوليءَ ۾ ٿو، چنڊ لڏي پيو آڏيءَ رات؛
سانت انهيءَ کي لولي ڏيئي- لنوين سپاجهي ڪيڏي لات!
چنڊ ڳهٽائي ڇال ڏنا پر ان ڪان ڏاڍو دور ڪراڙ؛
جنهن ۾ ڪنول ڪکوريا جهومن- جهر ۾ جن جي آهي پاڙ.

*

ڪاڪ توهان جو ڪنوڻ ڪنوائي- من جي بن ۾ بوند وسي؛
روح سڙيل جي رڪ مٿان ڇڻ رات لڙيءَ جو ماڪ پئي.
هر رات ڪٽي آ سمر ۾ پڙندي- پنهنجي ميهر ماٺ لاءِ؛
هر رات وهاڏو وس ڪندو آ- پرهه نئينءَ جي آڏڻ لاءِ.
هر رات ستارا ڳوڙها ڳاڙي- ڪنهن جي راهه تڪن ٿا پيا؟!
منهنجي من جو چين چورائي- وينڊڙ اکڙي نڪري ويا.

چورا ڪورا چٽ چرٻو ڪيو، ٻورا ٻورا ٽي وڏو من،
تنهنجي آس ائين اسان لئه، آدم لئه جيئن آهـي ان.
رات ڏڪن جي، ڪاٺڙ اوڪي، ڪاٺڙ آئي چڙ اڄ ٻونءِ،
آپ جي ڦرڙي، چنڊ ڦسي ٻيو چاند وڪي چڙ آهي ٻونهه.
ٿوريءَ دنيا، خالي ڪوڪو، هيري ريءَ چڙ آهه سپي،
آپ جي اڪ جي ٿيڙي ۾ آ، ٽارو ٽارو چڙ چپي.

*

ڪڪري آپ ۾ ڏسندڙ سان ٽي هاري ڪيڙي ڪيهت،
ٻيجو چٿبو، آيـري ايـندا، جيٿرا جيٿرا ٻيٽ.
هل ٽـ، هلي ٽپرايون ڏاٽـا، چيٽ ٽئي ٽو ٻورو،
ٻـر ٻ ڏٺي ٻوه 'لاڻي'، 'لاڻو' مليو ٻورو سورو.
ٻکيا ٻچڙا، سڪندڙ سلڙا، ڊهرنڊ ڙ جنڊڙيون هـاه،
ٽينگر ٻنهنجا، انڪـ اگهاڙا، ليڙن ۾ ڏي لڪـاه.
ٻکيا ٻالڪ ننڊ ڪـهي وٺي، ممتا مـاري مـاءُ،
وسهيل چٽنگ، چلهي ۾ ڏسندي، چنڊ ڪي رسيو ڳهاءُ.
ڪتي مري وڃي، ٽيڙو چاوا، چڙ ٽ، مرڻ جي ڪاڻ،
ٻوه ٻ گهڙي ڪن، ڳهڳه اونداهه ۾، چمڪي ڪن چانداڻ.
ٽـاري ڏايا ٽمڪا ڪـاڏا، ٻوه ٻ ڏسي اونـداهه،
لاٽ ڪري ۽ ليڪ بڻائي، ٽـاهي وڏو ڪا راهه.

*

من جي بن تي بوند نہ ڪائي، ٿالن جي آ ٿاس،
يادن جا اڪ پوءِ بہ ڦٽن ٿا، مينهن پوڻ جي آس.
دل- ديول جا ديپ اجهاڻا، سوڳ تي ويو من،
چانڊوڪيءَ ۾ چمڪي ٿو ڀيو ڪيئن ڀير جو ڀن!
ڀاڻ ستا سون ننڊ نشي ۾، چنڊ رنو چاڪاڻ،
ننڊ جي عيوض ڪوئي ويري گهر لٽي ويو هاڻ.
واريءَ مٺ جيئن وقت وهي ويو هٿ وٽين مان هاڻ،
اڻٽيهينءَ تي، چنڊ نہ ايندو ڪڏهن بہ ڪنهنجي ڪاڻ.
چنڊ ڪڪر مان ليٽا پائي، پوءِ بہ ڪري چانڊاڻ،
اونداهہ رهڻي ناهہ سدائين، ڳس لڪائڻ ڪاڻ.
چار ڏساڙون، خاموشيءَ جي ڪن ۾ ٿي ويون گم،
جيءَ چوي ٿو، رڙيون ڪري ۽ خوب مچايان ڌم.
ماڻهوءَ جو من ٻالڪ ننڍڙو، رهجهي راندين ۾،
ماڻهوءَ جو من ڦٽيل مرونءَ جيان، ڪنهن کي وٽ نہ ڏئي.
خوشبوءِ گل جي، هوا سان گڏ جي اهڙو رنگ رچايو،
چوڌاري فضا، خاموشيءَ ۾ ڪو، گيت انوکو ڳايو.
تارا سيئي ڏند ٽڙيل، هيءَ ڪاري ڏائڻ رات،
جنهن جي ٻوڪان پونءِ ڏڪي وئي، ماڻهو چپ- چپات.
جهولو ڪوسو، هيل بہ ساڳيو، چاڏيندو تہ ضرور،
ڪچڙو ڪچڙو آهہ وڻن ۾، مٽيس ڦٽو جو ٻور.

*

تو ۾ مکڙي راز هزارين، روپ، رنگت سان گڏ سرهاڻ،
جهومي جهومي، نچي نچي، مهڪي ماڪ سندي مڏ ماڻ.

ساهه ۾ چڻ ڏوپ ڊڪايل، مکڙو ٻهڪي موتئي جيان،
ڇٽپ ڇري چڻ چمڪ وڇائي، ٿهڪ نچائن مستيءَ مان.

پنهنجي هستي ڪجهه به نه آهي، آهي سڀ ڪجهه، توئي ساڻ،
واس به تنهنجو ’ون‘ به تنهنجو، تنهنجو آهي مون ۾ پاڻ.

سونهن مٿي ڏس، سج چنڊ، تارا - ساري ڌرتي سندر سپنا،
پر جو ماڻهوءَ جو من آهي، اهڙي سهڻي چيز نه آڪا.

چانڊوڪيءَ جي ساز مٿان مون، راڳو ڳايو رات - پني،
ڪٽي سمهي پٽي ٿيڙو جاڳيا، ماڪ سندي جن مڏ ڏني.

تنهنجي مٽ مان مڏ پئين ٿو، ڇا جي لئه ٿو ٿئين بدنام،
ماڻهوءَ جو جت رت ٿو پئجي، مڏ اتي هيءَ آهه حرام.

جام اسان جو چوليون ماري ڇلڪڻ جي لئه آهي آتو،
ان مان سوئي ليڏا پاڻي، گيتن ۾ مون جيڪو ڳاتو.